# سلطاني سهاڳ

(۽ ٻيا مقالا)

ليکڪ

**فقير غلام علي مسرور بدوي**

ترتيب ۽ تدوين:

**بيدل مسرور بدوي**

Gul Hayat Institute

ڇپائيندڙ

**مسرور پبليڪيشن ، ڪراچي، سنڌ**

كتاب جو نالو: قيامت نامو
ليکڪ: فقير غلام علي مسرور بدوي ﷫
ترتيب ۽ تدوين: بيدل مسرور بدوي
پهريون ڇاپو: جون 2016ع
تعداد: 1000
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: نديم احمد سولنگي
ڇپائيندڙ: مسرور پبليڪيشن ڪراچي سنڌ
قيمت: 150.00رپيا.
ملڻ جو هنڌ: جِي_44، مسرور اسٽريٽ ، سچل ڳوٺ، نزد پي سي ايس آءِ آر، ليبارٽري، ڪراچي سنڌ.

Name of Book: SULTANI SUHAAG
Writer: Faqeer Ghulam Ali Masroor Badvi.
Compiled by: Bedil Masroor Badvi
Publisher: Masroor Publication Karachi Sindh.
First Edition: March 2016.
Computor layout & Composing: Nadeem Ahmed Solangi.
Price: Rupees: 150.00
Contact: Bedil Masroor Badvi,
G- 44, Masroor Street, Sachal Goth,
Near PCSIR laboratory Karachi Sindh.

Gul Hayat Institute

هي ڪتاب مسرور پبليڪيشن ڪراچيءَ پاران، سائرس مسرور بدوي، پارس مسرور بدوي ۽ ڪليات مسرور بدوي، ذڪي پرنٽنگ پريس ڪراچيءَ مان ڇپرائي جِي 44، سچل ڳوٺ ڪراچيءَ مان پڌرو ڪيو آهي.

# انتساب

مسرور فقير جا هي مقالا منسوب ڪريان ٿو
سنڌ جي انهن سمورن عارفن، اوليائن ۽ ان فقر ڪي
جن
حق ۽ حقيقت ڏانهن مائل ڪندڙ پاڪيزه احساسن ۽ دلي سرور پيدا ڪرڻ لاءِ ساري ساري رات، اکين اوجاڳا ڪيا، واحد جي واڪاڻ ڪئي. شعلي شمع الاهي ۽ محبوب مدنيءَ جي ديدار جا بسنت بهاري ٻول ورهايا، ۽ پنهنجي مريدن سان حضرت عشق جا عجب اسرار ۽ روح جون رمزون رلائي، وصل جا پيالا پيئاريا.
۽ منسوب ڪريان ٿو
انهن کي بہ جيڪي اڄ بہ هن سنساري سير ۾ عشق جون اوطاقون اڏڻ ۽ آباد رکڻ ۾ رڌل آهن ۽ صوفياڻي صاف ٻوليءَ کي سيني بہ سيني وحدت جي ويڙهي ۾ ورهائي، پيار جي پرواني جيان پنهنجو نينهن نڀائي رهيا آهن.

بيدل مسرور

Gul Hayat Institute

به عونِ صانعِ مڪين ومڪان وفضلِ خلاقِ زمين وآسمان

# ڪتاب

# سلطاني سهاڳ

تيار ڪيل

حضرت امام غزالي صاحب جي سڳوري تصنيف ڪيل ڪتاب
فيضاب احياءُ علوم الدين ۽ ٻين ڪيترن معتبر ڪتابن
تان

مسڪين غلام علي خلف ماستر ابراهيم بخش تخلص مسرور شڪارپوري
طالب درگاهه جناب مرشد ڪامل حضرت فقير عبدالقادر
صاحب قدس سره - ساڪن روهڙي شريف -



( [illegible] )

# فهرست

| | |
|---|---|
| مهاڳ | 7 |
| مَنَ جي مَستي | 13 |
| دشمن | 29 |
| سُلطَانِي سُهَاڳُ | 37 |

Gul Hayat Institute

# مهاڳ

سنڌي ادب ۾ ”فقير مسرور“ کي هڪ صوفي شاعر جي حيثيت ۾ ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو پر پاڻ نثر ۾ بہ سٺي طبع آزمائي ڪئي اٿس، جن مان ڪي طبعزاد تصنيفون آهن تہ ڪي ترجما ۽ تاليفون آهن. ”فقير مسرور“ جون اهي سموريون نثري تحريرون بہ سندس صوفياڻي مسلڪ جو نهايت دلپذير آئينو آهن، جنهن جي ذريعي پاڻ پنهنجي مرشد شهنشاهہ ”فقير قادر بخش بيدل“ رحمت الله عليه جي ڏسيل راهہ هدايت مطابق، وحدت جي ڏاڪڻ چڙهڻ لاءِ روحاني سڪ، اڪير ۽ انساني بي پرواهي ۽ من جي مستيءَ بابت نهايت سولي انداز سان سمجهاڻيون ڏنيون آهن. اهڙي قسم جا مقالا، غريباڻي حال سبب، پريس مان شايع ڪرائڻ بجاءِ ”فقير صاحب“ پنهنجي هٿ اکرن سان سپر بانڊ جي اوچي پني تي ان جون ڪاپيون تيار ڪري دوستن ۾ ورهائيندو هو جن جي آخر ۾ يادگيريءَ طور تاريخ بہ لکي ڇڏيندو هو. سندس مقالا هن ريت آهن:

Gul Hayat Institute

**من جي مستي:**

”فقير مسرور“ پنهنجي هن طبعزاد مضمون جو عنوان پهرين ”شيطان“ رکيو هو بعد ۾ واڌارو ڪري ان کي ”خضر طريقت“ جو عنوان ڏنائين، پر جڏهن پنهنجي پرين پيارن لاءِ پنهنجي ئي هٿ اکرن سان سپر بانڊ جي اوچي ڪاغذ تي ان جون ڪاپيون تيار ڪيائين تہ

ان جو عنوان "من جي مستي" رکيائين. نهايت خوبصورت خطاطيءَ وارين انهن ڪاپين جي آخر ۾ مضمون جي مڪمل ٿيڻ جي تاريخ يادگيريءَ طور 13 آڪٽوبر 1925ع اڳاري ڏينهن، ساڍي ڇئين وڳي منجهند، لکي اٿس.

"فقير مسرور" پنهنجي هن تحرير جي ذريعي "من" (نفس) جي واقفيت وڏي دانش سان ڪرائي آهي، جنهن ۾ نه رڳو تحرير جي چاشني آهي پر حياتيءَ جي اونهين ڳالهين جي به سهل سمجهاڻي ڏني اٿس، ساڻ ساڻ منظر نگاريءَ جو به اعليٰ نمونو آهي، خاص طور تي "شيطاني محفل" جو اهو رنگين ۽ لطف ڏيندڙ منظر پيش ڪيو اٿس، جنهن تي ڪمزور دل ۽ زماني جي ظاهري حسن تي هرک هاري ويهڻ وارن جو وات پاڻي پاڻي تي ويندو آهي.

هن مضمون ذريعي "فقير مسرور" دنيا جي بي ثباتي، انسان جي فاني هجڻ، الله پاڪ جي اڳيان جوابده هجڻ جي ڊپ بابت، غفلت جي خواب مان بيدار ٿيڻ جي اهم معاملي تي قلم فرسائي ڪئي آهي. ان کان علاوه هن مضمون ۾ "فقير مسرور" جي فقيري طبيعت ۽ تخليقي سياءَ جي ڪري پڙهڻ جون سموريون دلچسپيون موجود آهن.

**دشمن:**

"مسرور فقير" جو هي طبعزاد مضمون 29 فيبروري 1944ع ڌاري لکيل آهي، جيڪو هڪ مختصر ۽ جامع مضمون آهي، جنهن ۾ قرآن پاڪ، حديث ۽ دنيا جي نامور بزرگان شريعت جي چوٽين جي آڌار تي، انسان جي ازلي "دشمن" بابت اپٽاريل آهي. مضمون جي ابتدا ۾ قرآن پاڪ ۾ شيطان متعلق فرمايل حقيقت جي روشنيءَ ۾ شيطان جي عشق، عبادت، مقام ۽ تڪبر تي بحث ڪيل آهي، ۽ سندس سجدي نه ڪرڻ واري نافرمانيءَ جي سزا سبب آسمان تان تڙجي نڪرڻ جو احوال ڏنل آهي.

Gul Hayat Institute

ان احوال کانپوءِ "مسرور فقير" هر عام ماڻهوءَ جي ذهن ۾ اڀرندڙ چند اهم سوالن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ شيطان کي انسان کان آخر تڪليف ڪهڙي پهتي آهي جو هو انسان جو دشمن بڻيو آهي؟ ٻيو تہ جڏهن الله جل شانہ انسان کي اشرف المخلوقات جي لقب ۾ خوبين سان نوازيو تہ پوءِ پنهنجي خلقيل ان پياري مخلوق جي پويان شيطان جهڙي دشمن کي ڇڏڻ جو ڪهڙو ضرور هو؟

هي مقالو فقير مسرور جي طبع جي جولانين جو اظهار آهي.

## سلطاني سهاڳ :

"مسرور فقير"، هي مقالو حضرت ابو حامد بن محمد الغزالي رحمت الله عليہ جي معروف تصنيف "احياءُ العلوم الدين" ۾ ٻين معتبر ڪتابن ۾ بزرگن جي مقولن جي مدد سان لکيو آهي. هن مقالي ۾ رات جو جاڳڻ ۾ جاڳي الله پاڪ جي عبادت ۾ محو رهڻ جون فضيلتون بيان ڪيل آهن. ۽ آسان سمجهاڻيءَ لاءِ هن مضمون ۾ قرآن پاڪ، حديث شريف، حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله عليہ شهنشاه فقير بيدل رحمت الله عليہ، سرڪار بيڪس سائينءَ رحمت الله عليہ ۽ پنهنجا ڪجھ بيت بہ شامل ڪيا آهن.

بيدل مسرور بدوي

Gul Hayat Institute

# سلطاني سهاڳ

(۽ ٻيا مقالا)



ليکڪ

فقير غلام علي مسرور بدوي

# مَنَ جي مَستي

واه! موسم سياري جي آهي. آسمان جُهڙ سان ڇانئجي ويو آهي. ڪجهه ڪجهه بوند بہ وسي رهي آهي. رات ڪارو ويس پهري، هوريان هوريان سائين! سائين! جي صدا ڪري رهي آهي. هوا نهايت تيز آهي. بدن خنڪيءَ سبب سڪندو ٿو وڃي. هن وقت پورا ٻارنهن وڳي رهيا آهن. پنهنجي گهر جي پاسي واري ٽڪندي ڪوٺي ۾ ستو پيو آهيان. اکيون ننڊ جي خمارن سبب ٻوٽبيون ٽيون وڃن. هاڻي ننڊ ڪندي بہ ڪلاڪ مس ٿيا هوندا تہ هڪ خوفناڪ ۽ نفرت جهڙي خواب پريشان ڪري جاڳايو آهي. خواب جي اثر کان دل تمام خوف سبب ڌڪ ڌڪ پيئي ڪري، عجب بي آرامي آهي جو ڪنهن بہ پاسي پر سمهڻ کان آرام نٿو اچي. اُٿي ڪري ويهي رهيو آهيان سر مونن ۾ هٽي گردن جهڪائي الله هو. الله هو. جو دم ڪڍڻ شروع ڪري رهيو آهيان ۽ ڪڏهن ڪڏهن سر سان زباني هيٺيان بيت پڙهي رهيو آهيان.

کریما بہ بخشائے بر حالِ ما
کہ ہستم اسیر کمندِ ہوا

نداریم غیر از تو فریاد رس
توئی عاصیاں را خطا بخش بس

Gul Hayat Institute

دنيا جي بي ثباتيءَ جو نقشو اکين اڳيان ڦري رهيو آهي ۽ زماني جي ماڻهن جي بيوفائي ۽ ستم گريءَ جي ڀيانڪ تصوير سامهون

لڏڪيل دل تي عجب اثر پيدا ڪري رهي آهي ۽ قرآن مجيد فرقان حميد جي سڳوري آيت شريف ورد زبان جي ٿي رهي آهي.

وَمَا مَتَاعُ الدُّنيا اِلاّ قلِيل     وَمَا مَتَاع الدُّنيا اِلاّ قلِيل

هن طرح چوندي وري جو پاسو اٿلايم، تہ پنهنجي ڪيل ڪرتوتن جي دهشتناڪ صورت سامهون اچي پڌاري ۽ پنهنجي حال تي هيٺ ڄڻ وجهي هي بيت چوندو رهيس

همه باهوا و هوس ساختی
دمی با مصالح نپرداختی

مکن تکیه بر عمر ناپائدار
مباش ایمن از بازئ روزگار

مینه دل برین منزلِ جانستان
که دروی نه بینی دلِ شادمان

مینه دل برِین کاخ خّرم هوا
که میبارد از آسمانش بلا

بسا نامدار و بسا کامگار
بسا سروقدو بسا گلعذار

که کردند پیراهنِ عمر چاک
کشیدند سر در گریبان خاک

چنان خرمنِ عمر شاں شدبباد
که هرگز کسی زاں نشانی نداد

ائين چوندي چوندي هڪ ٿي حالت اوچتي ظاهر ٿي. آهستي آهستي دل کي سمجهائڻ لڳس تہ اي دل! ذرا غور جي نظر سان پنهنجو اڳ

Gul Hayat Institute

پوءِ بہ تہ جاچي ڏس هن هنڌ ڪنهن بہ چيز کي بقا خواه قرار نہ آهي.

ثباتی ندارد جہاں ای پسر
بغفلت مبر عمر دروی بسر

سڀ چيزون سواءِ باري تعاليٰ جي فنا ٿيڻ واريون آهن. انهن سان دل لڳائڻ ۽ محبت رکڻ بيسود آهي. عمر جو وڏو قيمتي حصو حرص جي آزاد ۽ کيڏڻ ڪڏڻ ۾ گذري ويو آهي. هاڻي پتو نہ آهي تہ ملڪ الموت ڪڏهن ڪوچ جو گهنڊ وڄائيندو ۽ هتي سڀ ڪجهہ اوئين جو اوئين پيو هوندو.

خیری کن ای فلان و غنیمت شمار عمر،
زان پیشتر کہ بانگ برآید فلان نماند

انهي وقت کي غنيمت ڄاڻ ۽ پنهنجي حقيقي خالق جو حڪم بجا آڻ جو اها صلاح نيڪ ۽ ڇوٽڪاري جي آهي ۽ هن حياتي تي ڪجهہ پروسو نہ آهي.

فاني جهان آهي تنهن ۾ قيام ڪهڙو
ڪوئي ڏسي تہ ان ۾ رهيو مدام ڪهڙو

نالو وڏو وليڪن پندار پينگ پَڻ پَڻ
حاصل نہ هڙ جتان تي باقي گدام ڪهڙو

بڪ بڪ اجائي بڙ بڙ بي سود دم وڃائڻ
بي سين ڪان سوا بس اڳتي ڪلام ڪهڙو

هن نفس پُر هَوس جو ہوتاڙ جي ٻڌڻ ريءَ
مون کي تہ ڪو ٻڌائي آهي لغام ڪهڙو

آقا جي امر کي جو ڪَنَ تار تو ڪري
سچ تان چئو تہ سوئي سڏجي غلام ڪهڙو

Gul Hayat Institute

بي درد آهہ دنيا مطلب جا يار مڙئي
دم دم انهن جي دَرَ جو پرجي سلام کهڙو

هي ماڳ تنهنجو ناهي "مسرور" ڏس تہ سوچي
جنهن ۾ بقا نہ آهي سو تان مقام کهڙو

هي چند سٽون چئي وري پاسي پر پئي بارگاه ايزد عالي ۾ مناجات ڪرڻ لڳس:

يا الٰهی رحم کن برما، همه
همه عفو کن جمله گناهِ ما همه

عاجزیم و جرمها کرده بسی،
نیست مارا غیر تو دیگر کسی

ننڊ نہ اچڻ سبب بستري تان اُٿي گهر مان نڪري اوطاق جي ٽلهي تي اچي ويٺس ۽ ارادو ٿي ڪيم تہ اوطاق کولي ڪجهہ ستار وڄائي روح وندرايان تہ تماشو ٿي هڪ نئون عجيب نظر آيو. ڇا ڏسان تہ منهنجو دوست نفس صفا بگڙي ويو آهي ۽ غصي ۾ اچي ويو آهي ان قوي ڪاوڙ ۾ سارو ڏڪي پيو ۽ زور سان چوي پيو تہ:-

"لحاظ منهنجو بہ تہ ذرا ڪوئي ڪر- چئي نہ ٿو سگهان. جو اچي ٿو مهربان منهن ۾, تون ڪيستائين مون کي هلاڪ ڪندو رهندين. تو منهنجو نڪ ۾ دم ڪيو آهي ساري خدائي ننڊ ۾ آرام ڪري رهي آهي. مگر توکي ڪجهہ تار ئي ہي لڳي پئي آهي. جيڪڏهن تنهنجي اِهڙي رهت رهندي ايندي تہ تنهنجو ۽ منهنجو گڏ گذارڻ مشڪل آهي." ائين چوندي مون ڪان پري ٿي بيٺو ۽ منهن ۾ گهنڊ وجهي شُوڪجي چپ چوري پُڻ پُڻ ڪرڻ لڳو. انهيءَ وچ ۾ بہ منٽ مس گذريا هوندا تہ هڪ سفيد ريش-سياهہ پوش-پير مرد-ڊگهي لٺ سان پچ لڳن جي ڪلهن تي هٿ رکيون وڏي ناهہ ٺوهہ ۽ ڪروفر سان اچي وارد

Gul Hayat Institute

ٿيو. هي حال ڏسي منهنجي تہ حيرت جي حد ئي نہ رهي. ان جي اهڙي اچانڪ آمد ۽ اڳ اڻ ڏٺل صورت جي پڌارجڻ کان هيبت سبب منهنجي تہ نڙي بہ خشڪ ٿي وئي ۽ وات مان آواز بہ نہ ٿي نڪري سگهيو. لاچار پڇڻ جي واهہ نہ هجڻ ڪري هٿ جهلي ٿلهي جي ڪنڊ تي بت بڻيو ويٺو رهيس. ان پير مرد مون کي تہ ڏٺو بہ ڪين. اچڻ سان منهنجي دوست نفس کي وٺي ڪٽي پاڪر پائي ڇاتي سان لائي دلجوئي ڪرڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو تہ ”اي ٻچا ! تون اِهڙو رنج ۽ ڏمرو ڇو ٿو نظر اچين. تو کي ڪنهن اِهڙو ستايو آهي جو تنهنجي اکين ۾ بہ رت اچي بيٺي آهي.“ منهنجو دوست من مچلو روئي چوڻ لڳو:

بيان ڪنهن سان ڪيان اي مهربان هن حال پُرنم جو
ٻڌڻ وارو بہ جيڪر ٿي وڃي مدهوش متوالو.

”قبلہ! منهنجو هڪ اِهڙي اِنسان سان پلؤ اڙيو آهي جو جنهن کي نہ پنهنجي آرام جو خيال آهي نہ پنهنجي خوشي جو ڌيان آهي. ان کي رڳو منهنجي ستائڻ جو ئي ڪم آهي. اجان ڪيتري رات پئي آهي تہ گرم بسترو ڇڏيون ٻاهر ٿڌ ۾ پيو گيت ڳائي ۽ اجايا سوداءَ پچائي. هن جو خيال آهي تہ ننڊ گهٽ ڪجي ۽ پنهنجي نفس کي ڇڙواڳ ٿيڻ نہ ڏجي، عيش ۽ آرام جو هن وٽ سڀ سامان موجود آهي، مگر هن کي مطلق پرواهہ نہ آهي، ڇاٽي واٽي پاڻ کي دک ۾ وجهندو آهي. خدا ڄاڻي تہ انهيءَ مون هن کي کهڙو مزو ٿو اچي، مون کي ستائي شايد بهشت جا مزا ماڻڻ ٿو گهري. هن جا ڪم ڪاريون شغل ئي عجب قسم جا آهن. جن جو مان بيان ڪري نٿو سگهان. منهنجي حاليت اي بابا جان! هن جي صحبت ۾ بلڪل خراب ٿي وئي آهي. مون کان هن باري ۾ وڌيڪ ڪجھ بہ نہ پڇيو.“

”اي قبلہ!! جيڪڏهن هن وقت ڪو حيلو يا مدد ڪرڻي اٿوَ تہ مون نماڻي جي مدد ڪيو ۽ منهنجي جان هن موذي کان ڇڏايو.“

Gul Hayat Institute

”هي دکدائڪ قصو ٻڌي اُهو پير مرد منهنجي من جو حمايتي بلڪل ڪاوڙجي ويو ۽ چوڻ لڳو. ”اي ٻچا! تحقيق تنهنجو ناتو هڪ ظالم سان آهي. اي ٻچا!! فڪر نہ ڪر هاڻي جو هاڻي انهي جو علاج ۽ تدبير تي ٿئي ائين چئي پنهنجي شاگردن ۾ لڳن ڏانهن منهن ڦيرائي کين سڏي حڪم ڏنو تہ:

”يڪدم هڪ مجلس عيش جي تيار ڪيو. جنهن ۾ ناچ-راڳ- شراب-ڪباب ۽ عيش عشرت جو سمورو اسباب موجود ڪيو وڃي ۽ منهنجي لاءِ تخت خاص محفل جي وچ ۾ رکيو وڃي ۽ سڀ نازنين ۽ دل لٽيندڙ هر ولايت کان گهرايا وڃن ۽ انهن کي حڪم ڏنو وڃي تہ هر هڪ چنڊ جهڙي روشن پوشاڪ ۽ نفيس پيراهن پائي منهنجي تخت جي چوڌاري طواف ڪرن. اج اُنهن جي حسن جي پريڊ (قواعد) آهي ۽ انهن جي ناز غمزي ۽ رمزن جو اج امتحان آهي اج هڪڙي انسان، دشمن جو ايمان چٽ ڪرڻو آهي. جيڪو جو اج انهيءَ باري ۾ گوءِ ڪڍندو تنهن کي وڏو درجو ڏنو ويندو ۽ دولت سان مالا مال ڪيو ويندو.“ اشاري ملڻ سان اوطاق جي سامهون واري پڌر تي طالبن هڪ دربار رشڪ گلعذار تيار ڪئي ۽ اُهو پير مرد منهنجي من جو حمايتي تخت تي منزل انداز ٿيو ۽ سڄي ڪچي وزير ۽ سندس طالب حلقو ٻڌي بيٺا. تخت تي وهڻ شرط ان پير مرد حڪم ڪيو تہ ”وڃو! ۽ ڪنهن بہ طرح مڪر سان- فريب سان مطلب تہ ڪنهن بہ حيلي بهاني سان اِن اسان جي دشمن کي وٺي اچو ۽ ان کي هن محفل جي رونق ڏيکاريو.“ حڪم ٻڌندي ئي هڪ هوشيار- چتر زبان شاگرد ڊگهي ڏاڙهي لڳائي درويش جهڙي صورت ٺاهي منهنجي اڳيان اچي بيٺو ۽ سلام ڪري پنهنجي استاد- خانہ برباد جو پيغام ڏنو ۽ منٺيون منٺيون ڳالهيون ڪري عياري جو ڏنگ رکي مون کي لالچائي پاڻ سان وٺي هليو ۽ ان مجلس ۾ هڪ جڙاءُ دار سوني ڪرسي تي مون کي وهاريو. هن عشرت واري مجلس جي رونق ڏسي مان تہ حيران ٿي ويس. خوب فرش فروش وڇايل هوا.

بتين ۾ فانوسن جواهر نگارن عجب طرح جي رونق لڳائي هئي. سايون- ڳاڙهيون آبي -آتشي موم ۾ ڪافوري بتيون اِهڙيون تہ روشن هيون جن جي جڳ مڳ ڪان دل جو فانوس بہ روش ٿي ٿيو. هڪ پاسي ڪنجريون رشڪ گلعذار- مهرويان پري رخسار نفيس پوشاڪ پهريو دل لٽڻ لئي تيار بيٺيون آهن ۽ ٻئي پاسي ڪان معشوق غلمان- غنچہ دهن- رشڪِ چمن- ڪمان ابرن جي ۾ مژگن جا تير تيار ڪيو اِهڙيءَ طرح خبردار بيٺا آهن. جو حڪم ملڻ سان ڪٺي ڪنهن کي رت ۾ وهنجارن. ان پير مرد منهنجي من جي حمايتيءَ جي تخت اڳيان رنگين پيالہ شراب جون صراحيون پريون رکيون آهن. جن جي پرسان منهنجي نفس پرهوس ڪرسي ئي ويٺل اُن پير مرد سان ڪجھ هوريان ٻُڙ ٻُڙ ڪئي ٿي ۽ مون کي مجلس ۾ شريڪ ٿيل ڏسي بدن ۾ نہ پيو ماپي ۽ هر هر جُهڪي سرنوائي پنهنجي حمايتي يعني ان پيرد مرد جو شڪر ٿي بجا ڪيائين. چنڊ جهڙن پري روئي گل اندام معشوقن جي جماعت گلن جا هار- رشڪ بهار پائي- شراب ارغواني جا جام پري منهنجي اڳيان پويان ۾ ڪبي سجي اچي بيٺي. جڏهن محفل جو رنگ تمام موج ۾ آيو تڏهن منهنجي من جو حمايتي پير مرد پنهنجي تخت تان اٿيو ۽ سيني ولايتن جي ڪنوارين. حسن وارين جي قدقامت. خال خط جي تعريف شروع ڪئي ۾ حاضر مجلس وارن جي تشريف آوري جي باري ۾ خوش آمديد ڪرڻ بعد شراب نوشي جي تعريف ۾ شعر چوڻ لڳو:-

Gul Hayat Institute

يارو شراب نوشي اقرار ٿي وجي،
واعظ سندو پلي ڪجھ انڪار ٿي وجي.

هڪوار هو بہ جيڪر سرڪي چڪي تہ لاشڪ،
دستار ۾ جبي ڪان بيزار ٿي وجي.

❁

اي دل شراب پيءُ تون هرگز حرام ناهي،
خاصن کي سڏ سڃي آ هيءَ ڳالهه عام ناهي.

ڪجهه فڪر نا رهي ان ڳالهه جو اوهان کي،
واعظ کي اگر ان جو جي احترام ناهي.

هيڪر چکي جي چسڪي واعظ ته پڪ چوي،
مسجد سان مور منهنجو اڳتي سلام ناهي.

آنيش مثل مجلس سا عيش جي سراسر،
جنهن ۾ اگر صراحي ساقي ۽ جام ناهي.

”مسرور“ ٻول تنهنجو مٺهو ڇَون مگر،
ٻولي پيو ٻيو تو منهنجو ڪلام ناهي.

ان کان پوءِ چوڻ لڳو:۔ ته اڄ مزن اُڏائڻ ۽ دل جي درد دک ڪيڻ جو ڏينهن آهي. خوب ڪشاده دلي سان مزا ماڻيو۔ مجلس جي سينگارن۔ حسن وارن جڏهن هي آواز ٻڌو۔ تڏهن پيالا شراب جا ڀري پاڻ ۾ هڪ ٻي کي پياريندي مست الست ٿي ويا ۽ هر هڪ جي واتان هي آواز آيو ٿي:

ساقي پيار سگهڙو ساغر شراب جو
پيئندي وڃي پري ٿي پردو حجاب جو

هڪ جام جي مٿان ڏي جلدي ٻيو ڀري
ڪجهه خوف ڪين ڪرڪو روز حساب جو

منهنجي مَن جو حمايتي (پير مرد) اُنهن کي وجد ۾ ڏسي ڏاڍو خوش ٿي ٿيو ۽ خوشي کان هي شعر ٿي چيو:

زندگي زنده دلي جو نانءُ آ
مرده دل ڇا خاڪ ٿا جيئن پيا

Gul Hayat Institute

اُن پير مرد پنهنجي رنگ ڍنگ چالاڪيءَ سان عجب طرح جي رونق لڳائي هئي. جهڙوڪ هڪ جي ٻانهن ٻي جي گردن ۾ ته ٽين جو چَپُ چوٿين کي دلاسي ڏيڻ ۾ هيو. ڪجهه وقت تائين دور شراب جو هليو تنهن بعد وري سيني حاضر مجلس وارن اُٽي ڪري ان پير مرد جي تخت اڳيان اچي نچڻ شروع ڪيو ۽ سجدا ڪرڻ لڳا. مون هي سارو حال ويٺي ڏٺو مگر پنهنجو ڪو به حيلو ڪارگر نه سمجهي دل کي صبر جي هٿ سان هيٺئون ڪري ويٺس. وري اُهو پير مرد منهنجي من جو حمايتي ٿيو پيرو تخت تان اُٿي وڏي زور شور سان تقرير ڪرڻ لڳو:

اي غوا صانِ بحر رازو نياز- اي شاگردان ترڪتاز!! اِهو ئي مقصد آهي عمر ۽ حياتيءَ جو. جيڪو اوهان هن مجلس عيش جي ۾ ملاحظه ڪيو. اُن انِسان جي زندگي خاڪ آهي جنهن کي هڪ دفعي به ساري ڄمار ۾ هيءَ مجلس نصيب نه ٿي آهي.

*اى مهه رويان پرى جمال!*
*اى خوب رويان خوش خصال!!*

ٻين ملڪن جي طرف به ڏسو ته ڪهڙي نه خوشيءَ ۽ مزي ۾ پنهنجي حياتي گذارن ٿا. اُنهن جا پوتخانه ڪهڙا نه آباد آهن. اُنهن جا هوٽل ڪهڙا نه روشن آهن. نه اُنهن کي خدا جو خوف آهي ۽ نڪي قيامت جو ڀؤ آهي. بهشت جا مزا اهي ئي ماڻي رهيا آهن... پلاڪئن نه ماڻيندا.... ڇو جو اها سڀ ڪجهه منهنجي ئي دوستيءَ جي دم جي برڪت آهي. ۽ منهنجي اڳواڻ هجڻ جو اثر آهي. جيڪي مون کي دوست ٿا رکن. تن کي سياڻي جي ڪُٽتي نه آهي. انهن کي هتي ئي بهشت بڻائي ٿو ڏيان. ڏوڙ پئي اُنهن ماڻهن جي عقل ۽ سمجهه تي جيڪي مون کي دشمن ۽ خدا کي دوست سمجهندا آهن. منهنجو رفيق ۽ تابعدار دنيا ۽ آخرت جي ويچار کان آزاد آهي. مونکي مڃڻ وارو نڪاح جي پابندي کان آجو آهي. اُنهن کي پردي ڪرڻ جي قيد کان معافي مليل آهي. زالون ۽ مرد آزادي سان پاڻ ۾ گڏ گهمندا ۽ مزو

حياتي جو ماڻيندا آهن. جيڪي منهنجي صلاح تي نہ ٿا هلن سي اِهڙا تہ مکي چوس آهن. جو عيش واري جاءِ تي هڪ پئسو بہ خرچ نہ ڪندا آهن ۽ شراب نہ پيئندا آهن. چنڊ جهڙا حسن وارا معشوق انهن جي حال تي روئيندا ۽ افسوس ڪندا آهن تہ ڪڏهن هو هنن جي حسن جو قدر ڪندا. ٻڌايو؟ تہ هاڻي باقي ڪهڙي جاءِ آهي جتي هنن کي روپين خرچ ڪرڻ گهرجن! منهنجا دوستو مان اوهان کي اُها جاءِ ٻڌائي ۽ ڏيکاري آهي جتي اوهان کي پئسا خرچ ڪرڻ گهرجن. ان ڪانسواءِ اوهان جيڪڏهن ڪنهن ٻي جاءِ تي خرچ ڪندا تہ اُهي اوهان جا برباد آهن. توهان کي ياد رهي تہ منهنجا تابعدار وڏي حيثيت وارا ۽ مالدار آهن ۽ جيڪي مون کي نفرت جي نگاهہ سان ڏسن ٿا سي غريب ۽ ڪنگال آهن. اُنهن جو سبب بہ ٻڌو تہ هو وياج وٺڻ کان پاسو ڪندا آهن ۽ جُوا نہ ڪندا آهن. مگر اهي ٻئي اِهڙا رستا آهن جن جي اختيار ڪرڻ سان اِنسان مالا مال ۽ شاهوڪا ٿي ويندو آهي. جيڪو بہ منهنجي انهي تعليم تي عمل ڪندو آهي سو ڏسو تہ ڪهڙو نہ دولت وارو ٿي ويندو آهي. جڏهن ڪو پاڻ ٿي ان مان فائدو نہ وٺندو تہ پوءِ انهيءَ جي غريبي لاءِ ڪير ذمہ وار ٿي سگهندو.“

منهنجي من جي حمايتي پير مرد هيانوَ ڦاڙي پنهنجو مغز ڏاري بڪ بڪ ڪري رهيو هو. چڳن لچڻن وارن جي گلا ۽ بد افعالن جي ساراهہ ٿي ڪئي. ايتري ۾ هڪ گهنٽي وڳي جنهن جي وڄڻ سان سڄو بحر حسن جي موج ۾ اچي ويو. سڀ محفل جا سينگار هڪ دفعہ وري عيش ۾ غرق ٿي ويا. چنڊ جهڙيون پريون سرهلائي. وري تصوير وانگر ٻڄي تير مڙگن جا هڻڻ لڳيون. ان بعد پير مرد بلند آواز پڪاري پنهنجي پيچ لڳن شاگردن ۽ طالبن کي چيو تہ ”جيڪي انسان اجان منهنجي رت جا پياسي ٿي رهيا آهن ۽ انهي ڪاروبار ۾ مصروف ۽ مشغول آهن تہ هو اسان کي پنهنجي قبضي ۾ آڻن. ان ڪري هاڻي توهان بہ اج انهن جي برخلاف تدبير ڪيو ۽ جيترو ٿي سگهيوَ اوترو

Gul Hayat Institute

انهن کي مڪر ۽ فريب سان ڦسائي رلائي رلائي ماريو. ان ڪانپوءِ منهنجي من جي حمايتي ان پير مرد هيٺين موجب رايا پيش ڪيا، جي اتفاق رائي سان پاس ٿيا ۽ ان باري ۾ هر هڪ سر جو قسم کڻي انجام ڪيو تہ هو انهن ٺهراون موجب پيروي ڪرڻ ۾ جان و دل سان ڪوشش ڪندا.

رايا

(1) مسلمانن کي قرآن جي تعليم حاصل ڪرڻ کان روڪيو وڃي.

(2) مسلمانن کي صوم- صلواة- حج- زڪواة جو پابند ٿيڻ نہ ڏجي.

(3) مولوين ۾ وڏائي ۽ تڪبر پيدا ڪجي ۽ انهن کي پاڻ ۾ خوب وڙهائجي.

(4) مسلمان زال ۽ مڙس جي وچ ۾ جهيڙو وجهرائجي تہ هو هڪ ٻئي کان پري رهن

(5) مسلمانن کي همٿائجي تہ هو پنهنجيون ڇوڪريون ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ مردن سان گڏ تعليم وٺڻ واسطي موڪلين.

(6) مسلمان عورتن کي پردي ڪرڻ کان نفرت ڏيارجي.

(7) مسلمان نوجوان ڇيرن کي زنانو رنگ ڍنگ سيکارجي.

(8) مسلمانن ۾ نفاق پيدا ڪيو وڃي

(9) مسلمانن کي نون مذهبن جاري ڪرڻ لاءِ همٿائجي

ان بعد پير مرد پنهي هٿن سان تاڙي وڄائي جنهن جي وڄڻ سان سيئي نچڻ لڳا وري ٿيون پيروشراب جو دور نهايت زور شور سان هليو ۽ اُهي چوڏهين جي چنڊ جهڙيون پريون، جي منهنجي دولت ايمان جي کس کوهہ لاءِ هر طرح تيار ۽ هوشيار هيون مون ڏانهن ڏاڍي ناز انداز سان آيون ۽ اچي منهنجي مٿان بيٺيون ۽ هي اميد رکيائون تہ هن اڻ لڀ بي بها خزانہ تي قبضو ڪيون. ان وقت منهنجي عجب حالت ٿي وئي. پهريون جيئن جو ڪيي سڄي نظر ڪيم تہ ان مجلس ۾ منهنجا جهونا دوست جهڙوڪ ٿيا سافيڪل سوسائٽي. ڪرشنا منڊل- امن

سيا۔ سد آچار سيا۔ صوفي سماگم ۽ ٻين جماعتن جا ميمبر شاعر ساڌو ۽ صوفي فقير مجلس ۾ ويٺل ڏسي ڀنيلجي ويس، تہ مان شايد سوامي هيمراج شڪارپور واري جي ورسي تي آيل آهيان. ان وقت هوش هٿن کان رخصت ڪندو ٿي رهيو مگر ايتري سمجهہ پيم تہ جيئن جو اُن پير مرد خاص هستي جي برخلاف واعظ ڪيو هيو ان ڪري پڪ سان ڄاتم تہ هي پير مرد ڪو بزرگ انسان نہ آهي مگر خاص ايمان وارن جو دشمن لعين شيطان آهي. جنهن ڪري جوش ۾ اچي ڪرسي تان اُٿي مجلس ڇڏي وڃڻ لاءِ تيار ٿيس. مگر منهنجي ايتري ۾ اهڙي حاليت ٿي وئي جو زبان بند. نڙي خشڪ اکيون ڦاٽي ويون. منهنجي عقل جي ٻيڙي بيقراريءَ جي مخالف واءُ لڳڻ سبب ٻڏڻ تي آئي ۽ صبر شڪر جو سڙهہ ٽٽڻ تي آيو ۽ پنهنجن ئي حواسن جو جهاز تختو تختو ٿيڻ تي هيو تہ منهنجي دل مان:۔

المدد يا غياث المستغيثين.....

جو آواز نڪتو. ان آواز جي نڪرڻ سان مون کي غشي وٺي وئي ۽ ڪرسي تان ڪري پيس. ٿوري دير کان پوءِ سجاڳ ٿيس ۽ جڏهن هوش ۾ آيس تہ ڇا ٿو ڏسان جو نہ اُها عيش عشرت واري مجلس آهي ۽ نہ وري ان پير مرد ابليس جو تخت آهي ۽ نڪي اهي دل لٽيندڙ معشوق آهن. مڪر ۽ فريب جون شيطاني صورتون سڀ نظر کان غائب ٿي ويون هڪڙي ڪنڊ سان منهنجو نفس پر هوس حيرت ۽ عجب جي ميدان ۾ گم ٿيل شرم جو ماريو ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺو آهي ۽ ٻيا گهڻا ماڻهو جي مون وانگر ان ابليس جي پيچ ۾ ڦاٿا هوا. سي ٻتن وانگر ويٺا هڪ ٻئي ڏانهن ڏسن پيا. هڪ بزرگ عالي مقام شڪل نوراني، فرخنده پيشاني سفيد پوشاڪ سائي دستار سان اُنهن جي وچ ۾ ويٺا آهن ۽ سيني کي نصيحت ڪري رهيا آهن ۽ انهي ناپاڪ تقرير جي توقير جي جا ابليس لعنتي ان جاءِ تي ڪئي هئي ان جي

Gul Hayat Institute

باري ۾ جواب رد ڏئي رهيا آهن ۽ آخر ۾ فرمائڻ ٿيا. تہ ”اي خدا جا ٻانهؤ شيطان جي پيروي نہ ڪريو. جڏهن شيطان بارگاه ايزد ئي مان تڙيو ويو هيو تڏهن ان ايئن چيو هيو تہ مان اولاد آدم جن ڪي هلاڪت ۾ وجهندس يعني گمراه ڪندس. جن تي رب ذوالجلال فرمايو تہ وڃ جو وڻيئي سو ڪر. جيڪو تنهنجي پيروي ڪندو تنهن کي ساڙي باهہ ۾ وجهندس، پر ياد رک منهنجي ٻانهن تي جي منهنجي حڪمن جي پيروي ڪرڻ وارا آهن اُنهن تي تنهنجو ڪو بہ وس هلي نہ سگهندو ۽ تون انهن تي غالب پئجي نہ سگهندين. اوهين ياد رکو. هي شيطان انسان جو قديمي دشمن آهي. دنيا جا سڀ جهڳڙا سندس سيڪاريل آهن. ڏٺي تعاليٰ جو سڀ شئي جي پيدا ڪرڻ وارو ۽ رزق ڏيڻ وارو آهي جنهن جي بادشاهي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي ۽ سڀ سندس تعريف ۽ ذڪر ڪندڙ آهن. اُن بني آدم کي پنهنجي سيني پيدا ڪيل جنسن کان افضل ۽ اعليٰ بڻايو آهي ۽ سڀ چيز انسان جي مطيع ڪئي آهي. پاڪ پروردگار هر وقت انسان سان ڀلائي ڪري ٿو.. سندس تعريف ايتري آهي جو ڪو ئي ادا ڪري نہ سگهندو. بس! اي بني آدم!! پنهنجي خالق ۽ مالڪ جون نعمتون ياد ڪر ۽ ان جي حڪمن جي پيروي ڪر ۽ ان جي حبيب پاڪ محمد رسول الله ﷺ جن جي پوري پوري متابعت ڪر ۽ شيطان جي پويان نہ وڃ. اُهو توهان جو جاني دشمن آهي.“

اِنَّ الشَّيْطٰنَ لِلاِنْسَانِ عَدُوٌّ مُبِين.

Gul Hayat Institute

دلا هر کہ محکوم شیطان بود
شب وروز در بند عصیان بود

کسے راکہ باشد شیطان پیشوا
کجا باز گردو براه خدا

مکن نفس امارہ را پیروی
کہ ناگہہ گرفتار دوزخ شوی

مکن خانۂ زندگانی خراب
بسیلاب فعل بد و ناصواب

اگر دور باشی زفسق وفجور
نہ باشی ز گلزار فردوس دور

منهنجي نفس ۽ هين ان بلا ۾ گرفتار ٿيلن جڏهن ان خضر صورت بزرگوار۔ عالي وقار جو هي ڪلام سڻيو تڏهن يڪدم سيئي صفون ٻڌي ڪنا تي بيٺا ۽ زار زار روئي هي مناجات دربار ايزد عالي ۾ پڙهڻ لڳا.

اسان ڪي سڌي راهه ڏيکار موليٰ،
اِهو عرض تو ڪي آ هر بار موليٰ.

جنهين دڳ مٿي ٿي رهي ٻاجهه تنهنجي،
انهيءَ واٽ واڳون سندم وار موليٰ.

گناهن جي باري پريل بار سببان،
ٻڏڻ تي آ ٻيڙو سگهو تار موليٰ.

سڻائو تہ ڪو واءُ گهولي ڪرم جو
ڪيي تار تڪ مان ڪرين پار موليٰ.

سوا تنهنجي ڪونهي وسيلو ٻيو ڪو
سدا لطف تنهنجو آ درڪار موليٰ.

ڪيو ڪونہ ڪم مون اڳي ڪم اچي جو
نيو نفس راڪش نگهو سار موليٰ.

Gul Hayat Institute

نماڻو نذر آءُ "مسرور" نالي،
ڪيان وينتي هيءَ رڙي زار مولي.

اِن بعد اُن پير طريقت۔ خضر صورت سيني کي ڇاتي سان لائي دعا جو هٿ پٺي تي ڦيرائي شفقت فرمائي رخصت ڪئي ۽ وڃڻ وقت پڻ سيني کي هي نصيحت ڪيائون تہ: "اي حق جا طالبو! ڌڻي تعاليٰ جلشا نہ جي دامن پڪڙيو اُهو ئي توان جو دوست ۽ سڀ ڪان چڱو مددگار آهي."

جڏهن سيئي هڪ ٻئي کان موڪلائي، جي آيا هوا سنگن ڪاڻ سي ڪن بہ ڪپائي، پورو حق پلؤ ۾ پائي، پنهنجي گهرن ڏانهن ويا، تڏهن مان بہ پنهنجي پير۔ نيڪ تدبير کان رخصت ياب ٿي پنهنجي گهر ڏانهس وريس. ڏسان تہ منهنجو دوست (نفس) شرم جو ماريو منهنجي پويان ڪنڌ هيٺ ڪيون اچي پيو. مون ڪيس وري بہ پنهنجو قرب سڃاڻي سڪ سان سڌي هٿ کان وٺي، سيني سان لائي. ساهہ سان گڏ سانديو ۽ ساڳئي وقت اڳتي لاءِ اِهڙي حرڪت ڪرڻ کان باز رهڻ واسطي نرم لهجي ۾ نصيحت ڪئي ۽ پڻ دڙڪو بہ ڏنم تہ آئينده اهڙي هلت هلندين تہ هن کان بہ وڏيڪ بچڙو ٿيندين. ڏنم ٿي پشيمان تہ ڏاڍو هيو مگر واتان اقرار جو اکر ڪو نہ اُچاريائين. سندس ماٺ مان سمجهيم ٿي تہ بار دگر اِهڙي من مستي نہ ڪندو. يا وري ڪو گوڙ ڪيائين تہ اِهڙو ڪندو جو هن حرڪت کان ڪي هزار درجا وڏيڪ هوندو. جنهن لاءِ هر دم خداوند جلشا نہ جي دربار ۾ امداد واسطي ٻاڏائيندو رهان ٿو. ڇا ڪون تہ ان کانسواءِ ڪوئي مددگار نہ آهي.

خداوند غفّار ستّار آهي،
سوا ان جي ڪوئي نہ ڪو يار آهي.

جڳت جا جڏا سڀ ولها هن وسيلا،
خدا هڪڙو ڪافي مددگار آهي.

Gul Hayat Institute

خدا ريءَ زماني ۾ ظاهر معاون،
اگر ڪوئي آهي ته لاچار آهي.

ڏئي ڏيهه کي جو وري ناپچاري،
ڏٺي پاڪ اِهڙو ته ڏاتار آهي.

لهي سار صاحب سڀاجهو سيڻ جي،
مٿان رات ڏينهان نگهدار آهي.

سچي جڳ جو مسجود معبود هڪڙو
عبادت ثنا جو سزا وار آهي.

اُنهي کان سواءِ سچ ٻئي تان ڪنهين کي،
ڪري گرڪو سجدو گنهگار آهي.

اڏينن اپوجهن ۽ اڙين سندو
اَجهو آسرو اوٽ آڌار آهي.

هلي حڪم ان جي سان چرخو سڄو پڻ،
ڏهاڙي قيامت جو مختار آهي.

اُها واٽ "مسرور" موليٰ وٺائي،
جنهين تي سندس راز نروار آهي.

"مسرور فقير"

تاريخ 13_ آڪٽوبر 1925 ڏينهن اڱارو
وقت 4:30 وڳي ديگر

Gul Hayat Institute

# دشمن

دشمن:۔ ڪھڙو نہ نفرت جھڙو اکر آهي. جنھن کان انسان جي دل سدائي بيزار ۽ خوف سبب بيقرار رهي ٿي. سواءِ خاصن جي عام اڳيان ائين ئي آهي تہ اِنسان جو دشمن فقط اِنسان آهي. مگر خاصن جي نظر ۾ پنھنجو دشمن هڪ نفس (من) ۽ ٻيو شيطان آهي. جنھن لاءِ خداوند ڪريم قرآن پاڪ ۾ فرمايو آهي تہ شيطان اِنسان جو وڏو دشمن آهي! اِهڙي حقيقت واضح هوندي بہ اِنسان فقط اِنسان کي پنھنجو دشمن ڄاڻي اُن جي شرَ ۽ فساد کان امن ۾ رهڻ جا اُپاءَ ڪندو ٿو رهي.

ائين برابر آهي تہ اِنسان جو شيطان اِنسان ئي آهي:

بقول مولانا روم:۔

اي بسا ابليس آدم روئے ہست (رومي)

جيئن تہ شيطان کو هٿ سان وٺي ڪنھن کي فسادي يا خراب نٿو ڪري مگر اِنسان جي وجود ۾ نفس (من) هڪ مادو آهي، جنھن ۾ خاص وسواسن پيدا ٿيڻ جي جاءِ آهي. اُن تي شيطان واءُ جي صورت ڌاري قبضو ڪري اِنسان جي رت کي جوش ڏياري اِهڙا تہ خيال ٿو اُپاري جنھن کان اِنسان پنھنجي سڌ ٻڌ وڃائي فساد ڪرڻ تي سندرو ٻڌي ٿو ٻھي. ۽ ٻين کي پڻ فساد ڪرڻ جي تعليم ڏئي ٿو. جنھن ڪري فرض آهي تہ اِنسان پنھنجي من کي وس ۾ رکي. جيئن شيطان يا ان جو تعليم ورتل اِنسان مٿس قبضو ڪري راڻي نہ سگھي. ٻي صورت ۾ اِهو حال آهي جو شيطان جي ڦوڪ سبب اِنسان آکڙ ۾ اچي زمين تي فسادي بڻجي ٿو پوي. جنھن جي خداوند ڪريم منع فرمائي آهي.

شيطان ۽ نفس (من) جي دشمن هجڻ جو اهو ئي ذڪر آهي ۽ پڻ ڪهڙي طرح اِنسان پنهنجي اِنسان ڀاءُ جو دنيوي معاملات جي حساب ڪتاب رهيل هجڻ، يا فيصل ٿي وڃڻ بعد به دشمن رهي ٿو. سو به شيطان جي ڦوڪ جو نتيجو آهي. جنهن ڪان اِنسان سواءِ سوچ ويچار جي گهمنڊ ۾ اچي پنهنجي اِنسان ذات ڀائرن جو دشمن بڻجي ٿو جو رهيل حساب ڪتاب ڏيڻ وٺڻ ڪان نٽائي ٿو يا فيصلي ٿي وڃڻ بعد به ڦوڪ شوڪ رکي ٿو.

هيءُ جو خداوند ڪريم اِنسان کي اشرف المخلوقات جي لقب سان شرف وارو ۽ ٻين ڪيترن نمونن ۾ ساراهيو آهي پوءِ:

(1) سندس اِهڙي پياري ۽ اشرف اِنسان هٿان شيطان کي ڪهڙي تڪليف پهتي آهي جو ان جو دشمن ٿيو آهي.

(2) اُن جي پويان شيطان جهڙي دشمن کي ٻچي ڇڏڻ جو ڪهڙو ضرور رهيو.

فقره (1) پهرين به نسبت حقيقت آهي ته شيطان جو دراصل عزازيل اسم آهي، ۽ جنّ ذات جو آهي. جيئن جو اِنسانن ڪان اڳ جنّات ڌرتي تي رهندڙ هئي. اُن قوم جنّات مان هڪڙي عزازيل نالي جنّ، ڌڻي تعاليٰ جي ايتري ته عبادت ڪئي جنهن جي بيان ڪرڻ ڪان زبان قاصر آهي. اُن جي عبادت ڌڻي سڳوري جي دربار ۾ مقبول پوڻ جو اِهو نتيجو ٿيو جو هو وڃي آسمانن مٿي ملائڪن جو به خليفو ٿي رهيو.

قرآن پاڪ جي حقيقت آهي ته جڏهن خالق حقيقي کي اِنسان جي پيدا ڪرڻ جو خيال ٿيو. تڏهن حضرت آدم عليہ السلام جي جوڙ جو سعيو ٿيو. جڏهن بدن جڙي تيار ٿيو تڏهن ملائڪن کي ذات پاڪ جو حڪم ٿيو ته هن کي سجدو ڪيو. مڙني ملائڪن حڪم جي تعميل ڪئي. مگر عزازيل سجدو نه ڪيو ۽ اهو سبب ڏيکاريائين ته

(1) هيءُ مٽيءَ مان پيدا ٿيل آهي ۽ مان باهه جو پيدا ڪيل آهيان منهنجي پيدائش آدم ڪان ڪي درجا شرف واري آهي.

(2) جڏهن ذات پاڪ ڏاران ڪو بہ سجدي جو سزا وار نہ آهي ۽ جڏهن تہ ان کان سواءِ غير خدا کي سجدو ڪرڻ شرڪ ۽ ڪفر آهي.

هن طرح عزازيل انڪار ڪرڻ کان خداوند ڪريم جي ڏمر سببان لعين ٿي آسمانن تان تڙجي ڌرتي تي پيو آهي.

جيئن جو عزازيل جي تڙجڻ ۽ لعنتي ٿيڻ جو سبب آدم ٿيو آهي. ان ڪري هن آدم ۽ ان جي اولاد سان دشمني رکڻ پاڻ تي فرض ڪري ڇڏي آهي.

ان سبب ڪانسواءِ صوفيائي اڪرام کان هيءَ بہ حقيقت مليل آهي تہ عزازيل ذات پاڪ جو عاشق آهي. جيئن جناب ڀٽائي عليہ الرحمت جن فرمايو آهي:

عاشق عزازيل ٻيا مڙيئي سڌڙيا
منجهؤن سڪ سبيل- لعنتي لعل ٿيو

يعني عاشق آهي تہ عزازيل آهي. ٻيا سڀ سڌون ڪندڙ سڌڙيا آهن سبحان الله! ڪهڙي نہ حق ڏانهن رجوع ڪندڙ عجيب سمجهاڻي آهي. جيئن جو آخر ۾ عزازيل لعنتي تہ هيو مگر سڪ يعني عاشقي ۽ عبادت سبب وڃي لعل ٿيو.

سندس سجدي نہ ڪرڻ جو هيءَ بہ پڻ سبب ڄاڻايو ويو آهي تہ "ذات پاڪ" جو اڪيلو سندس محبوب آهي سو آدم ۽ ان جي اولاد جو مطلوب ٿيندو. جا ڳالهہ هن کان بقول حضرت بو علي قلندر صاحب:

غيرت از چشم برم روئ تو ديدن نہ دهم
گوش را نيز حديثِ تو شنيدن نہ دهم

سَٽي نہ وئي، جنهن ڪري هوڏَ وارَي سجدو نہ ڪيائين ۽ خالق حقيقي جي ڏمر کان لعنت جو طوق پهري آسمانن تان تڙجي نڪتو. هت بہ سندس انهيءَ سبب کان دشمني آهي تہ هي اِنسان عبادت ۽

سڪ عاشقي سبب سندس محبوب ذات پاڪ جي ويجها نہ هجن. ان ڪري انسان ذات کي عبادت حق جي ڪان برغلائي فسادي ٿي رهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. جيئن هي ِانسان ذات سندس محبوب جو در تہ ڇڏيو پر گهٽي بہ نہ پڇائن ۽ ائين پري پيا هجن.

فقره (2) بہ نسبت عرض آهي تہ ِانسان جي پويان شيطان کي ٻڇي ڇڏڻ ۾ قدرت جو وڏو راز آهي. جنهن حقيقت کان خالق پاڻ واقف آهي. مگر صوفيائي اڪرام کان ڪي ڪجهہ حقيقت مليل آهي تہ شيطان کي ِانسان جي پويان ٻڇي ڇڏڻ قدرت کي بلڪل ضروري رهيو آهي جيئن جو ان جي ڪيترين ئي خوبين کان سواءِ هي بہ هڪ عجيب خوبي آهي جو جيڪڏهن ِاهو برغلائيندڙ دوست ڪيو نہ لاتو وڃي ها تہ شايد ذات مقدس کي وقت بوقت هر هڪ ِانسان جي واسطي ڌار ڌار ڪنهن ٻي نموني ۽ چڱي طرح پاڻ سنڀالي هلڻ لاءِ تاڪيد جاري ڪرڻ جي ضرورت رهي ها. جنهن ڪري يقين ٿئي ٿو تہ ِاهو شيطان دشمن ِانسان تاڪيد آهي. جنهن هميشہ واري هڪ ئي تاڪيد سبب سڀ ڪنهن ِانسان کي اُن جي شرو فساد کان امن ۾ رهڻ لاءِ اڳواٽ ئي بندوبست ڪرڻو آهي ۽ خاص موقعي تي نہ. مگر قدم قدم تي پاڻ سنڀارڻو آهي. جيئن جو پنهنجي خواه ٻي جي من کي مچلو ڪندڙ شيطان ئي آهي. ان ڪري من تي ان جي قبضہ ٿيڻ کان ِانسان کي ذات پاڪ جي عبادت ۽ مناجات امن ملڻ لاءِ ڪرڻي آهي. جنهن سبب نفس (من) طيّب ٿيو پوي. جنهن جي پاڪ رکڻ لاءِ خالق حقيقي جو تاڪيدي امر آهي. جيڪڏهن ِانسان من کي وس نٿو ڪري تہ اُهو پنهنجي من خواه شيطان يا ٻي ِانسان ياءُ کي پاڻ دشمن ٿيڻ جو وجهہ ڏئي پاڻ سان دشمني ڪري ٿو ۽ جَن وري پنهنجي من کي سُڃاڻي وس ڪيو تن کي شيطان برغلائي نٿو سگهي.

هاڻي هي جو وري ِانسان پنهنجي ِانسان ياءُ کان دشمني سبب پاڻ بچائڻ لاءِ يا وير وٺڻ واسطي وسعت آهر بندوبست ڪري ٿو. جهڙوڪ

مٿان پوليس جو پهرو رکڻ يا ڪي ٻلوان جوان جهيڙا گر سنگتي رکي گهمڻ يا لٺ. بندوق ـ ڪهاڙي ـ وغيره کڻي گهمڻ. ان لاءِ هن ناچيز جو اِهو ئي رايو آهي ته اِهي بندوبست ڪرڻ اجايا آهن. جيئن جو اِن ۾ ڪجهه نه ڪجهه شيطاني ڏوڪ آهي. بهرحال ڌڻي تعاليٰ جي عبادت ۽ مناجات ڪرڻ ڪافي آهي. جنهن سبب من ۾ جيڪا به شيطاني ڏوڪ ڪان آڪڙ آيل هوندي سا دفع ٿي ويندي. جڏهن پاڻ وٽان وير وروڌ نڪري ويندو. تڏهن ڪٿي به ڪروڌ رهڻون نه آهي. جنهن باري ۾ جناب وريل فقير فرمايو آهي:

ڪاتين ڪتا ڪيترا ڪاتين ڪهي ڪير
جڏهن وريل ڪڍيم وير تڏهن ڪاتيون سڀ ڪُسي پيون

واضح رهي ته شيطان ۽ پنهنجي نفس سان گڏ اِنسان جو پنهنجي اِنسان ياءُ جو دشمن آهي. سو به تاڪيد آهي.

هن باري ۾ هيءُ ياد اٿم ته هڪ ڏهاڙي بنده جو هڪ عزيز جي گهر وڃڻ ٿيو. جتي هڪ مادر صورت ٻڍڙيءَ چيو ته:ـ ابا! اسان جا ڇوڪرا شهر ڏي ڪم ڪار سانگي يا گهمڻ وڃن ٿا. مگر فلاڻه شخص جو سرڪش آهي اُن ۾ ٽي پيرا ڇوڪرن کي دڙڪا ڏنا آهن ۽ پڻ ڪيترن قسمن جا دڙڪا اسان ڏانهن به چوائي موڪليا اٿس. سو ان جو ڪجهه بندوبست ڪيو. جيئن جو جڏهن ڇوڪرا شهر ڏانهن ويندا آهن تڏهن منهنجو ته آرام ئي ڦٽي ويندو آهي ۽ دل بيقرار رهندي آهي. جيستائين ڪو شهر کان خير سان گهمي ڦري اچن تيستائين تسبيح کڻي ويٺي خدا کي ياد ڪري ٻاڏائيندي آهيان ته منهنجا ٻچڙا هن سرڪش دشمن جي شرو فساد کان خير سان گهمي ڦري گهر اچن ۽ جڏهن ڪين واپس سلامت آيل ڏسندي آهيان تڏهن ڌڻي جا شڪرانا بجاءِ آڻيندي آهيان. هن ڳالهه ٻڌڻ سان ڪيس جواب ڏنم ته امي!! اِهو ته ڏاڍو سٺو سبب تو کان دعا ملڻ جو بڻجي پيو. جيڪڏهن اِهو دشمن نه هجي ها

Gul Hayat Institute

تہ جيڪر تون تسبيح کڻي نڪي خدا کي ياد ڪرين ۽ نہ وري ٻچن کي دعا ڪرين.

هن بہ نسبت ٻي بہ حقيقت ياد اٿم تہ هڪ جاگيردار جو پنهنجي دنگئي ديھہ واري زميندار سان تڪرار هوندو هو. جنهن سبب ڪان جاگيردار سدائين خوف ۾ گذاريندو هيو ۽ پنهنجي مطلب بر آوري لاءِ جو ڪجھہ ڪندو هو سو گهٽو ڪري ڪوشش وٺي ظاهر ٿيڻ کان لڪائيندو هو يا اُن جي هٿان خوار ٿيڻ جي انديشہ ڪان اُهو ڪم بلڪل نہ ڪندو هو قضا الاهي اُهو زميندار فوت ٿي ويو. جنهن جي فوت ٿيڻ جي خبر جاگيردار جا ماڻهو ٻڌي ڏاڍا سرها ٿيا ۽ اِها خوشخبري پنهنجي آقا سان اچي ڪيائون. جنهن تي جاگيردار کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ هڪ قيمتي لونگي ۽ هڪ هزار رپيا نقد دفن ڪفن جي خرچ لاءِ پنهنجي ماڻهن هٿان تمام تاڪيد ۽ نياز سان سندس عزيزن ڏانهن موڪليائين. ماڻهن جاگيردار صاحب کان پڇيو تہ آقا! هي تہ توان جو دشمن هيو پوءِ اُن سان اِهڙي فربداري واري قدم کڻڻ جو ڪهڙو سبب آهي. هن حقيقت جي جواب ۾ اُن جاگيردار ماڻهن کي ڇينڀ ڪرڻ سان نصيحت ڪئي تہ اِهو ماڻهو اسان جو دشمن نہ هيو. مگر اسان کي چڱي طرح سنڀالي هلڻ لاءِ تاڪيد هيو جنهن ڳالھہ جو هينئر مون کي پتو پيو آهي تہ هن جي حياتي واري وقت ۾ مون کي ڏاڍو سوچ ويچار ڪري قدم کڻڻون پوندو هيو هينئر شايد ڪو بہ گناھہ ۽ زبردستي جو ڪم ڪرڻ کان خائف نہ ٿيندس.

اي برادر! تون شيطان- پنهنجي نفس- خواہ اِنسان ويري کي خدا جي طرف کان روڪيندڙ دشمن سمجهين. عبادت ۽ مناجات ڪرڻ جو تاڪيد ڄاڻ. تون اُنهن جي دٻاءَ ۽ قبضہ ۾ اچڻ کان اڳ پنهنجي اندر کي اُجاري ڇڏ. جيئن تو کي ڪجھہ غير نظر نہ اچي. جيڪڏهن ٻين کي غير ڪري تو ڄاڻين تہ تون پڪ ڄاڻ تہ اِهو غير يا ٻيائي تو ۾ آهي. يا تون ٻي ڪنهن کي خراب تو ڄاڻين تہ اِهو خرابت جو جزو اجان تو

ﭘ آهي. جو تو کي پنهنجي اندر واري حقيقت ٻاهران ٻي ﭘ نظر اچي ٿي. جهڙي طرح آرسيءَ ﭘ منهن وجهي ڏسڻ سان پاڻ ڏسڻ ﭘ ايندو آهي، ان ريت ٻي کي ڏسڻ سان پاڻ نظر ايندو آهي. تنهن ڪري پنهنجي ويري من کي وس ڪري مرشد راه حقيقت جي هدايت موجب هل:

بہر صورت کہ بن آوے ووئی ساجن صحیح کرنا
صدق سیتے آگے اسدے ادب کے چال میں رہنا

انهيءَ ادب واري چال هلندي ٻہ اجان تو تي ڪو هلان ٿو ڪري اُهو ٻہ ڏٽي جي طرفان تاڪيد ڄاڻي اندر کي اجارڻ جي ڪوشش ڪر ۽ يقين ڄاڻ تہ اجان مون ﭘ گهٽتائي آهي. همت ڪري پنهنجو اندر اهڙو صاف ڪري ڇڏ جيئن رتي ٻہ توﭘ غير جي نہ رهي.

تاڪيد!!

اڪر دشمن سندو دل تان پڙهي لاحول واري ڇڏ
ڪٽي تون هُو سندي صيقل ادا اندر اُجاري ڇڏ

(1) ٻئي دشمن ڪنان اوّل وڏو ويري جو آ بلڪل
اُهو منحوس من چئنچل ڏَنيل ڏُر جو ڏِڪاري ڇڏ

(2) ڇڏي تون لوڪ جو لارو وڃي ڪر عرش اوتارو
وجودي وهم وچ وارو ڪري ڪو وس وساري ڇڏ

(3) ڦُترڻ ڪان ٿي ڦَري اڳ ﭘ ڏڪڻ ڪان پڻ ڏري اڳ ﭘ
مماتي ڪان مري اڳ ﭘ حياتي دم گذاري ڇڏ

Gul Hayat Institute

(4) ڪريزون ڪثرتي ڪائي ورائي وحدتي وائي
پڪي دل جو ڏي تائي متي عرش اُڏاري چڙ

(5) وري واري نہ ڪڇ واتان چڙي ٻولي ٻتي تون مان،
سِڪي "مسرور" گت گُرڪان مٿل دل کي جياري چڙ

"مسرور فقير"
29.2.44

Gul Hayat Institute

# سُلطَانِي سُهَاڳُ

اَلحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ العَالَمِيْنَ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ وَالصَّلواةُ والسَّلامَ عَلىٰ رَسُوْلِهِ مُحَمَّدٍ وَآلِهِ وَاَصحابِهِ اَجمَعِين.

شڪرانو پروردگار جو آهي. جو پالڻهار اوهان جو رحمان ۽ رحيم آهي. ۽ صلواة سلام پياري محمّد مصطفيٰ ﷺ ۽ اُنجي تمام اولاد ۽ اصحابن تي پڙهڻ بعد حق جي طالبن ۽ دوستن جي خدمت ۾ شب خيزي ۽ ان جي عبادت جي باري ۾ ڪجھ ورق پيش ٿو ڪريان.

ستا اُٿِي جاڳ۔ ننڊ نہ ڪجي ايتري
جو تو ساٽيھ پانيو سو مانجهاندي جو ماڳ
سلطاني سهاڳ۔ ننڊون ڪندي نہ ملي

معلوم هجي تہ رات جو جاڳڻ ۽ عبادت جي هڪ عجيب فضيلت آهي. جو خاص حق جي طالبن جو طريقو آهي. الله تعاليٰ جل جلالہ عم نوالہ قرآن مجيد فرقان حميد ۾ فرمايو آهي:

تَتَجَافىٰ جنُوبهُم عَنِ المَضَاجِعِ يَدْعُونَ رَبَّهُم خَوفًاوَّ طَمَعاًوَّ مِمَّا رَزَقناهُم يُنفِقُونَ فَلاَ تَعلَمُ نَفس مَّا اُخفِىَ لَهُم مِّن قُرَّةِ اَعيُنٍ جَزَآءَ بِمَا كَانوا يَعمَلُونَ.

يعني (رات جي وقت) اُنهن جون پٺيون بسترن کان الڳ رهن ٿيون۔ (۽ عذاب جي) خوف ۽ (رحمت جي) اميد کان پنهنجي پروردگار کان دعايون گهرن ٿا ۽ جو ڪجھ (الله) مان انهن کي ڏني ڇڏيو آهي. ان

Gul Hayat Institute

مان (راهِ خدا) خرچ ڪرن ٿا. ڪوئي شخص بہ نٿو ڄاڻين تہ ماڻھن جي (نيڪ) عملن جي بدلي ۾ ڪھڙي اکين جي ٿڌائي انھن جي واسطي پرده غيب ۾ موجود آهي. آنحضرت صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو آهي تہ:

عَنۡ اَبِیۡ اُمَامِۃَ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللہِ صَلیَ اللہُ عَلَیۡہِ وَآلہ وَسَلَّمَ عَلَیۡکُم بِقِیَامِ اللَّیۡلِ فَاِنَّہ دَابُ الصَّالِحِینَ قَبۡلَکُم وَھُوَ قُرۡبَۃٌ لَکُم اِلیٰ رَبِّکُم وَمُکَفِّرَۃ لِلسَّیِّئَاتِ وَمُنۡھَاۃٌ عَنِ الۡاِثۡمِ: (رواہ الترمذی)

يعني روايت آهي ابي امامتہ رضي الله عنہ جن کان، تہ فرمايو رسولِ الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن: لازم آهي اوان تي اُٿڻ رات جو. پوءِ تحقيق اِها عادت صالحن جي آهي، جو اڳي اوان کان هوا ۽ اِها ويجهڙائي آهي واسطي اوان جي طرف ربّ جي ۽ ڪفارت ڪندڙ واسطي گناهن جي ۽ منع ڪندڙ ذانهن گناهن جي.

بيت:

ساري رات سبحان جاڳي جن ياد ڪيو
ان جي عبداللطيف چوي مٽيءَ لڌو مان
ڪوڙين ڪن سلام۔ اچيو آسڻ اُن جي

بيت

جاڳڻ منجهان جَسُ۔ آهي الله جن کي
لاهي ٿو لطيف چوي مٿان قلب ڪَسُ
ورنهہ ڪجاڻ وس۔ صبح سان سيد چوي

آنحضرت صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن فرمايو آهي تہ شيطان اوان منجهان جيڪڏهن ڪو جڏهن سمهي ٿو تہ ان جي بستري تي ٽي ڳنڍيون ڏئي هر هڪ پيري سان مٿس چوي ٿو تہ اجان رات گهڻي پئي آهي تون سمهيو پيو هُج. پوءِ جڏهن اُهو شخص جاڳي ٿو ۽ خدا تعاليٰ

جو ذڪر ڪري ٿو تہ هڪ ڳنڍ کلي ٿي ۽ جڏهن وضو سان پاڻ پاڪ ٿو ڪري تہ ٻيو بند ڍرو ٿو ٿئي پوءِ جڏهن نماز ۽ عبادت ڪري ٿو تہ ٽيون بند بہ گمراهي جو کلي ٿو ۽ اُهو شخص صبح جو خوش ۽ طيب النفس اُٿي ٿو نَتَ خبيث ۽ سست اُٿي ٿو:

هڪ جاءِ حديث شريف ۾ آنحضرت صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کان ارشاد آهي تہ: سندن روبرو هڪ شخص جو ذڪر هليو تہ هو ساري رات سمهيو رهيو آخر تہ صبح ٿي ويو ۽ مٿان سج بہ اڀري ويس. آنحضرت صلي الله علي وآلہ وسلم جن فرمايو تہ ان شخص جي ڪَنَ ۾ شيطان پيشاب ڪيو آهي، هن فرمودي مان طالبن کي خاص ارشاد آهي: تاڪيد!!

بيت:

اُٿي جوڳي جوڙ۔ سنگيون ساز صبح جون
پيو نہ پاسا موڙ۔ مٿان وڃي ويل وهاڳ جي

بيت:

اُٿي جوڳي جاڳ۔ سمھڻ مَون سور ٿيو
سياڳا سمهڻ ڇڏ جو ننڊ جو نانءُ نياڳ
بيڪس اُڀريو ڀاڳ۔ اڃان نہ ٿو اُٿين

هڪ حديث شريف ۾ آنحضرت صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کان ارشاد آهي تہ: شيطان وٽ هڪ شيشي سنگهڻ جي۔ هڪ چٽڻي ۽ هڪ ڇاري آهي. جڏهن هو ڪنهن کي اُها شيشي سنگهڻ واري سنگهائي ٿو تہ اُنجي عادت خراب ٿي وڃي ٿي ۽ جنهن وقت چٽڻي چٽائي ٿو تہ ان جي زبان تيز ۽ فحش ٿي وڃي ٿي ۽ جڏهن وري ڇاري اڇلائي ٿو تہ ماڻهو صبح تائين سمهيو رهي ٿو. ۽ فرمايو آهي تہ "جيڪڏهن ڪوئي اِنسان پوئين رات جي وچ ۾ بہ رڪعتون پڙهي تہ ان جي لاءِ دنيا ۽ مافيها کان بهتر آهي ۽ جيڪڏهن مان پنهنجي اُمت

تي هي ڪم مشڪل نہ سمجهان ها تہ ضرور اِهي ٻہ رڪعتون پڙهڻ انهن تي فرض ڪيان ها.“

مغيره بن شعبہ رضہ جن ڪان روايت آهي تہ آنحضرت صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن رات جو ايترو ڀهي عبادت ڪندا هوا جو سندس پير مبارڪ ڦتجي پوندا هئا. ماڻهن عرض ڪيو تہ اوهان جا اڳيان پويان سڀ گناهہ بخشيا ويا آهن پوءِ توهان ايتري مشقت ڇو ٿا ڪريو؟ پاڻ فرمايائون تہ ”ڇا! مان بندو شڪر گذار نہ آهيان!!“

بيت:

ننڍون ڪئن ڪجن۔ هاري منڊ محمود ڇوي
تو سيئي سيڻ ڪيا۔ پهہ اوچتا جن
ڪڏهن ڪين سڄن۔ ويسريون ورن ري

بيت:

اوجاڳو اجاڻ۔ ڪيءَ نہ ڪميٽين جئن
اساري اِهڙي پرپٽي ڪيچن سين ڪاڻ
ٻانهي ڇايو پاڻ۔ تي سڄيون راتيون سمهين

حضرت ابوهريره رضہ جن کي آنحضرت صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن فرمايو تہ: جيڪڏهن تون گهرين ٿو تہ مون تي رحمت خدا تعاليٰ جلشانہ جي هر حال زنده رهڻ ۽ مري وڃڻ ۽ قبر ۾ رهڻ ۽ مرڻ ڪانپوءِ جيئري اٿڻ جي حال ۾ رهي تہ رات جو اُٿي عبادت ڪر ۽ نماز پڙهہ ۽ ان نماز ۽ عبادت ڪان پوءِ پنهنجي پروردگار ڪان دعا گهر. اي ابوهريره! پنهنجي گهر جي ڪنڊ ۾ عبادت ڪر تنهنجي گهر جو نور آسمان ۾ ائين هوندو جيئن ننڍن وڏڙن ستارن جي روشني زمين جي رهندڙن لاءِ آهي ۽ تاڪيد فرمايو آهي تہ رات جي عبادت پاڻ تي لازم ڪيو جو اِهو توهان ڪان اڳي اڳين نيڪ بختن جو طريقو آهي ۽ رات جي عبادت ڪرڻ سببان خدا تعاليٰ جلشانہ جي نزديڪي ۽ گناهن جو

Gul Hayat Institute

دور ٿيڻ ۽ بدن مان روڳ جو دفع ٿيڻ ۽ گناهن کان محترز رهڻ نصيب ٿئي ٿو.

آنحضرت صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن فرمايو آهي تہ جنهن شخص جي عادت رات جي عبادت ڪرڻ جي هجي ۽ ننڊ ان تي غالب ٿي وڃي جنهن سبب کان عبادت نہ ڪري سگهي تہ اُن جي لاءِ ثواب ان جي عبادت جو لکيو ويندو ۽ سمهڻ ان کي فائدي ۾ رهندو.

حضرت ابوذر رضہ جن کي پاڻ ارشاد فرمايائون تہ "جيڪڏهن توان سفر جو ارادو ڪيو ٿا تہ ان جي لاءِ ڪجهہ سامان ڪيو ٿا." انهن عرض ڪيو تہ هائو قبلہ۔ پاڻ فرمايائون تہ "پوءِ سفر قيامت جهڙو بي سامان ڪيئن ٿيندو! اي ابوذر !! مان تو کي اُها ڳالهہ ٻڌايان ٿو جا اُن ڏينهن تنهنجي لاءِ ڪارگر ٿيندي." اُنهن عرض ڪيو تہ مان پنهنجي پيءُ ماءُ سميت اوهان تان قربان ٿيان. قبلہ فرمايو۔ پاڻ فرمايائون تہ "قيامت جي ڏينهن جي شدت حرارت لاءِ هڪ روزو رکہ ۽ رات جي اونداهي ۾ قبر جي وحشت جي واسطي تهجد پڙهہ ۽ حج ڪر ۽ ڪجهہ صدقہ خيرات ڪنهن مسڪين کي ڏي ۽ سچ ڳالهاءِ ۽ ڪنهن بہ بري ڳالهہ کان زبان بند ڪر."

بيت:

بندر جان پئي۔ تہ سڪاڻيا م سمهو

ڪپر ٿو ڪن ڪري جيئن ماڻي منجهہ مهي

ايڏو سور سهي۔ ننڊ نہ ڪجي ناڪئا

Gul Hayat Institute

روايت آهي تہ آنحضرت ﷺ جن جي عهد مبارڪ ۾ ڪوئي شخص هيو جو جڏهن ماڻهو عبادت ڪري سمهي پوندا هوا تہ اُهو شخص اٿي عبادت ڪندو هو ۽ قرآن شريف جي تلاوت ڪري دعا گهرندو هيو تہ اي دوزخ جا مالڪ مون کي ان کان پناهہ ڏي اها ڳالهہ آنحضرت صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي حضور ۾ پيش ٿي. پاڻ

فرمايائون تہ جڏهن اِهو شخص وري اِهڙي دعا گهري تہ ان وقت اسان کي خبر ڪجو۔ آخر هڪ ڏينهن پاڻ تشريف فرما ٿي سندس دعا گهرڻ ٻڌايائون۔ جڏهن صبح ٿيو تڏهن ان کي فرمايائون تہ ميان تون خدا تعاليٰ جلشانہ کان جنت ڇو نہ ٿو گهرين. ان شخص عرض ڪيو تہ يا رسول الله منهنجو اهو مرتبو نہ آهي ۽ نہ وري منهنجا عمل ان جي لائق آهن. ائين چئي ان شخص ڪجھ وقت ماٺ ڪئي تہ حضرت جبرائيل عليہ السلام وارد ٿيو ۽ آنحضرت ﷺ جن کي فرمايو تہ ان شخص کي بشارت ڏيو تہ الله تعاليٰ جلشانہ تو کي دوزخ کان پناهہ بخشي ۽ جنت ۾ داخل ڪيو.

روايت آهي تہ حضرت جبرائيل عليہ السلام آنحضرت ﷺ جن سان ذڪر فرمايو تہ:عبدالله بن عمر رضہ تمام چڱو شخص آهي. جيڪڏهن رات جو نماز پڙهي۔ آنحضرت ﷺ جن حضرت ابن عمر رضہ جن کي جبرائيل عليہ السلام جو مقولہ ٻڌايو۔ تنهن بعد آئينده لاءِ حضرت ابن عمر رضہ جن رات جي جاڳڻ ۽ عبادت جو پاڻ تي فرض لازم ڪيو. جيئن جو سندن غلام نافع چوي ٿو تہ پاڻ رات جو عبادت ڪندا هوا ۽ مون کان پڇندا هئا تہ اي نافع باک ڦٽي آهي؟ جي مان چوندو هيس تہ نہ اڃان رات آهي تہ وري عبادت ۾ مشغول ٿي ويندا هئا ۽ وري فرمائيندا هئا تہ نافع باک ڦٽي آهي؟ جي مان چوندو هس تہ هائو صبح ٿيو آهي تہ پاڻ يڪدم ويهي استغفار پڙهندا هئا جيستائين جو صبح صادق ٿيندو هو.

حضرت امام زين العابدين رضہ جن کان روايت آهي تہ حضرت يحيٰ بن ذڪريا عليہ السلام هڪ ڏينهن جَوَنِ جي ماني پيٽ ڀري کاڌي ۽ جو رات جو ورد معمولي پڙهندا هوا سو ان سبب کان پڙهي نہ سگهيا ۽ سمهي رهيا. آخر تہ صبح ٿي ويو. الله تعاليٰ جلشانہ ان تي وحي نازل ڪيو ۽ پيغام موڪليو تہ اي يحيٰ ! ڇا تو ڪوئي گهر منهنجي گهر کان چڱو ڏٺو آهي يا ڪوئي پاڙيسري مون جهڙي پاڙيسري کان ڪو تو

Gul Hayat Institute

ڪي ڇڱو مليو آهي. اي يحيٰ !! قسم آهي مون کي پنهنجي عزت جو جيڪڏهن تون جنت کي هڪ دفعو ڏسين ته تنهنجي اشتياق جي چرٻي پگھرجي وڃي ۽ تنهنجي جان نڪري وڃي ۽ جيڪڏهن دوزخ جي طرف هڪ دفعو ڏسين ته تنهنجي چرٻي به پگھرجي وڃي. آنحضرت ﷺ جن فرمايو آهي ته فرض عبادات ۾ سڀ کان افضل عبادت رات جي آهي. حضرت عمر فاروق رضہ جن فرمائين ٿا جو آنحضرت ﷺ جن فرمايو آهي ته جو شخص پنهنجي وظيفه ڪندي رات جو سمهي پوي ۽ وري صبح ۽ ظهر جي وچ ۾ اُهو وظيفه پڙهي ته ان جي حق ۾ ائين ئي لکيو ويندو ڄڻ ته سڄي رات پڙهندو رهيو هو. حضرت ابن مسعود رضہ جن جڏهن ماڻهو سمهي پوندا هئا ته پاڻ اُٿي عبادت ڪندا هئا سندن ذڪر جو آواز مک جي ڀڻڪي وانگر صبح تائين ٻڌڻ ۾ ايندو هو ۽ فرمائن ٿا ته هڪ رات سفيان ثوري رحہ جن پيٽ ڀري ماني کاڌي ۽ فرمايائون ته جڏهن گڏهه کي گاهه زياده ڏجي ته ان کان ڪم به زياده وٺجي- پوءِ ته اُها ساري رات عبادت ڪندا هئا.

طائوس رحہ جن جڏهن پنهنجي بستري تي سمهندا هئا ته ان تي اِهڙي طرح اُڇلائجي پوندا هئا جهڙي طرح ڇڄ مان اَن ڇنڊيندي داڻا ڪري پوندا آهن ۽ اڇلائجي وري يڪدم اُٿي ڪڙا ٿيندا هئا ۽ بستري کان الڳ ٿي صبح تائين عبادت الاهي ۾ مشغول رهندا هئا ۽ بعضي هن مضمون جو شعر پڙهندا هئا:

يادِ جهنمَ کان يڪايڪ ننڊ نيڻن جي ڦِٽي.

Gul Hayat Institute

حسن بصري رحہ جن فرمائين ٿا ته مان ڪوئي ڪم زياده سخت رات جي محنت عبادت کان سواءِ نٿو ڄاڻان. ڪنهن شخص کانئن پڇيو ته اِهو ڪهڙو سبب آهي جو رات جي عبادت ڪندڙن جو چهرو ٻين ماڻهن جي چهرن کان سهڻو ۽ وڻندڙ هوندو آهي. پاڻ فرمايائون ته اُهي شخص الله تعاليٰ جلشانہ سان اڪيلا ٿيندا آهن. اِنهي سبب ڪري الله تعاليٰ جلشانہ انهن کي پنهنجي نور مبارڪ مان ڪجهه قدر

بخشيش ڪندو آهي.عبدالعزيز ابن ابي رواد رح جن رات ٿيڻ وقت پنهنجي بَستري جي اڳيان بيهي ان تي هٿ ڦيرائي چوندا هئا ته قسم خدا جو آهي تون نرم، آهين مگر جنت ۾ تو کان به وڌيڪ نرم آهن. ايئن چئي بستري کان پري وڃي جاءِ نماز تي بيهي ساري رات عبادت ۾ مشغول رهندا هئا.

بيت:

ٻارنهن ڳُن ٻٽيهه تڙ، تڙ تڙمٽي پٽون
اٿيو آڏي رات ۾ سهڻي ڏي سٽون
ڇڏيو ڪير ڪتون، لڏي لهرن وچ ۾

فضيل رحه جن کان ڪلام آهي ته جڏهن رات منهنجي نظر ۾ اچي ٿي تڏهن ان جي درازيءَ کان مون کي خوف ٿئي ٿو مگر مان قرآن شريف شروع ٿو ڪريان ۽ پنهنجي حاجت پوري به نه ٿو ڪريان ته صبح ٿي وڃي ٿو.

حضرت حسن رحه فرمائين ٿا ته جڏهن آدمي ڪوئي گناه ڪري ٿو ته ان جي سبب کان رات جي اُٿڻ ۽ عبادت ڪرڻ کان محروم رهي ٿو.

فضيل رحه فرمائن ٿا ته جڏهن توان کان رات جو جاڳڻ ۽ ڏينهن جو روزا رکڻ نه ٿا ٿين ته توان يقين ڄاڻو جو توان محروم آهيو ۽ توهان جا گناهه گهڻا ٿي ويا آهن.

صلته بن ابيشم رحه ساري رات عبادت ڪندا هئا جڏهن صبح ٿيندو هو تڏهن دعا گهرندا هيا ته الاهي مون جهڙو شخص جنت کهڙي حال طلب ڪندو. مگر پنهنجي رحمت سان مون کي دوزخ کان امان ڏي.

هڪ شخص ڪنهن حڪيم کي چيو ته مون کان رات جو جاڳڻ ٿي نٿو سگهي. ان حڪيم ڪيس چيو ته ادا! ڏينهن جو خدا تعاليٰ جي حڪمن جي نافرماني نه ڪر-پوءِ رات جو نه جاڳين ته ڪجهه خيال نه آهي.

Gul Hayat Institute

حسن بن صالح وٽ هڪ ٻانهي هئي جا اُن هڪ قوم کي فروخت ڪئي. جڏهن آڌي رات ٿي تڏهن اُها ٻانهي اُٿي چوڻ لڳي ته اي گهر وارا! اُٿو!! عبادت ڪريو ۽ خدا تعاليٰ جلشانه کي ياد ڪريو. اُنهن چيو ته صبح ٿي ويو آهي ڇا. جو نماز پڙهون ٻانهي کين چيو ته توان فرض نماز ڪانسواءِ ٻي ڪا عبادت نه ڪندا آهيو ڇا؟ انهن چيو ته نه. صبح ٿيڻ شرط اُها ٻانهي حسن وٽ آئي ۽ چيائين ته اي منهنجا آقا مالڪ بن دينار رضه جن فرمائين ٿا ته هڪ رات مون کان وظيفه پڙهڻ ۽ يلجي ويو ۽ سمهي رهيس. خواب ۾ ڏسان ٿو ته هڪ عورت نهايت خوبصورت هٿ ۾ خط کڻي آئي آهي ۽ مون کي چوي ٿي ته تو کي پڙهڻ ايندو آهي. مون چيو هائو. پوءِ ان عورت اُهو خط مون کي ڏنو. ڏسان ته ان خط ۾ هن مضمون جو شعر لکيل آهي.

اُٿي تون خواب غفلت مان سمهڻ کان سو لڳان بهتر
خدا جي راضپي خاطر عبادت ڪر عبادت ڪر
پئي آرام ۾ پنهنجو وڃائين قيمتي ويلو
تڙي هيءَ ننڊ نيڻن جي تلاوت ڪر تلاوت ڪر

۽ فرمائين ٿا ته مسروق رحه جن حج شريف تي ويندي سفر ۾ تمام راتيون صرف سجدي ۾ گذاريون. يوسف بن مهران رحه جن چون ٿا ته مون ٻڌو آهي ته عرش عظيم جي هيٺان هڪ فرشتو مرغ جي صورت ۾ آهي. جڏهن اول ٽيون حصو رات جو گذري ٿو ته اُهو پنهنجي کنڀ کولي ٽپ ٽپ ڪري بانگ ڏئي ٿو ۽ چوي ٿو ته اي جاڳڻ وارا اُٿو عبادت ڪريو ۽ جڏهن اڌ رات گذري ٿي ته ڪنين جو آواز ڪري پوءِ دانهن ڪري چوي ٿو ته اي تهجد پڙهڻ وارا اُٿو. جڏهن ٻه ٽهايون رات گذري ٿي ته ٻئي پر کولي ٽپ ٽپ ڪري چوي ٿو ته اي نماز فرض پڙهڻ وارا اٿو ۽ جڏهن صبح صادق ٿو ٿئي تڏهن ٻئي پر هڪ ٻئي تي هڻي آواز ڪري ٿو. اي غافل انسان! هاڻي گناهن ڪرڻ لاءِ اُٿ ۽ فرمائين ٿا ته

Gul Hayat Institute

وهب بن منبہ يماني رحہ ٽيھہ ورهہ پنهنجي پٺي زمين تي نہ رکي ۽ پاڻ چوندا هئا تہ جيڪڏهن مان پنهنجي مڪان ۾ شيطان کي ڏسان تہ منهنجي نزديڪ ان کان بهتر آهي جو ان ۾ بسترو ڏسان. چو تہ ان جي ڏسڻ سان ننڊ اچي ٿي ۽ انهن وٽ فقط هڪ چمڙي جو وهاڻو هيو جڏهن کين ننڊ ايندي هئي تہ فقط پنهنجو سينو ان تي رکي ٿورو ڍونڪڙو وٺي وري عبادت ۾ مشغول ٿي ويندا هئا. بعضي اڪابرن جو قول آهي تہ پروردگار جلشانہ هي ارشاد فرمائي ٿو تہ مون کي قسم آهي پنهنجي عزت ۽ جلال جو مان سليمان تميمي جي سمهڻ جي جاءِ تمام چڱي ڪندس. ان منهنجي لاءِ چاليھہ ورهہ عشاءِ جي وضو سان صبح جي نماز پڙهي آهي. جناب مرشدنا و مولانا فقير قادر بخش قدس سره جن ڪتاب پنج گنج ۾ هي حقيقت تحرير فرمائي آهي تہ حضرت شاهہ اويس قرني قدس سره جن رياضت جي ميدان ۽ مشقت جي درياه ۾ ايتري قدر سرگرم هوا جو جنهن رات شوق ديدار الاهي جي نشي ۾ چوندا هيا تہ هذاليلتہ الرکوع يعني هي رات رڪوع جي آهي تہ ساري رات رڪوع ۾ گذاري صبح ڪندا هئا ۽ ڪڏهن نهايت ذوق مان چوندا هيا هذا ليلتہ السجود يعني هي رات سجدي جي آهي تہ بس ساري رات سجدي ۾ گذاري صبح ڪندا هوا. بعضي ڪتابن ۾ درويشن کان خدا تعاليٰ جلشانہ جو امر مذڪور آهي تہ الله تعاليٰ جل جلالہ فرمايو آهي تہ منهنجو بندو جو حقيقت ۾ منهنجو بندو آهي. سو رات جي اٿڻ لاءِ ان مرغ جي آواز جو انتظار نہ ڪري.

Gul Hayat Institute

## بيان جنهن سبب کان رات جو اٿڻ آسان آهي

واضح هجي تہ رات جو اٿڻ خلق لاءِ مشڪل آهي.مگر جن ماڻهن کي خدا تعاليٰ جلشانہ توفيق بخشي ٿو (جي ان جي آسان هجڻ جي ظاهري ۽ باطني شرطن جي بجا آوري ڪن ٿا) انهن تي ڪجھہ دشوار نہ آهي. ڄاڻڻ گهرجي تہ ظاهر جا شرط چار آهن، جنهن سبب کان رات جو اٿڻ آسان آهي.

اول: هي آهي ته ڪاڏو گهڻو نه کائجي ڇو جو گهڻي کائڻ سان پاڻي گهڻو پيئبو. پوءِ وري ننڊ گهڻي ايندي ۽ اٿڻ بوجهه وانگر ٿي پوندو. بعضي مشائخ هر رات دستر خوان تي بيهي چوندا آهن ته اي گروه مريدان ! گهڻو نه کائو نَتَ پاڻي گهڻو پيئندؤ ۽ گهڻو وقت سمهيا پيا هوندؤ ۽ مرڻ وقت گهڻو پڇتائڻو پوندوَ.

هي ڳالهه پڻ ياد رکڻ گهرجي ته معدي جو غذا جي ثقالت يعني بوجي يا ڳورائپ کان هلڪو رهڻ هڪ وڏو اصول ۽ عمدي فضيلت آهي.

ٻيو: هي آهي ته ڏينهن جو پنهنجي نفس تي اِهڙو مشقت يعني تڪليف جهڙو ڪم نه وجهي جنهن کان عضوا چور ٿي وڃن ۽ پنا سست ٿي پون ڇو جو ان سبب کان به ننڊ ايندي آهي.

ٽيون: هي آهي ته ڏينهن جو سمهڻ نه ڇڏي، جو رات جي اٿڻ لاءِ ڏينهن جو سمهڻ سنت آهي.

چوٿون: هي آهي ته ڏينهن جو گهڻان گناهه جهڙا ڪم نه ڪري ڇو جو گناهن جو ارتڪاب (اختيار ڪرڻ) دل کي سخت ڪري ٿو.

هڪ شخص حضرت حسن رحه جن کي عرض ڪيو ته مان آرام سان سمهيو رهان ٿو ۽ رات جي اٿڻ کي دوست رکان ٿو ۽ وضو لاءِ پاڻي به تيار رکان ٿو. پوءِ مون کي الائي ڇا ٿو ٿئي جو اُٿان نٿو. فرمايائون ته تنهنجي گناهن تو کي روڪيو آهي.

حضرت حسن رحه جڏهن بازار ۾ وڃي ماڻهن جون بيڪار ڳالهيون ۽ آواز ٻڌندا هئا تڏهن فرمائيندا هئا ته منهنجي نظر ۾ هنن ماڻهن جي رات وڏي آهي ڇو جو هي ڏينهن جو ننڊا سمهن. سفيان ثوري رحه فرمائين ٿا ته مان هڪ گناهه جي عيوض پنج مهينا رات جي عبادت کان محروم رهيس. ماڻهن پڇيو ته اُهو ڪهڙو گناهه هيو. فرمايائون ته مان هڪ شخص کي روئيندي ڏسي پنهنجي دل ۾ چيو ته هي ريا ڪار آهي.

Gul Hayat Institute

هڪ اڪابر جو چوڻ آهي تہ مان ڪرزه بن دبره رحہ جن وٽ ويس تہ ان وقت رنا ٿي. مون ڪائن پڇيو تہ ڪنهن قريب جي موت جي خبر آيل آهي ڇا؟ فرمايائون تہ ان کان بہ سخت آهي. مون ڇيو تہ تڏهن اوهان کي ڪو درد آهي جنهن کان ايذاءَ آهي. پاڻ فرمايائون تہ ان کان بہ سخت آهي. مون ڇيو تہ پلا ڇا آهي. فرمايائون تہ رات جو وظيفو مان نہ پڙهيو آهي. ان جو سبب اهو ٿي آهي جو شايد مون ڪوئي گناهہ ڪيو آهي. ڇاڪئون جو خير نيڪي طرف ۽ بدي شر جي طرف طلب ڪندڙ آهي ۽ اهي ٻئي جيڪڏهن ٿوريون بہ هجن تَبِ گهڻي جي طرف ڇڪيندڙ ۽ اڇلائيندڙ آهن ۽ فرمائيندا هوا تہ رات جو احتلام هجڻ هڪ سزا آهي ۽ جنابت يعني شڪ دوريءَ جي معنيٰ آهي.

بعضي علماءَ ۽ درويش فرمائين ٿا تہ اي مسڪين جڏهن تون روزو رکين ٿو تڏهن ڏس تہ تون وري ڪنهن وٽ کولين ٿو ۽ ڪهڙي چيز ڪائي روزو افطار ڪرين ٿو. ڇو جو بعضي ٻانهو هڪ اِهڙو لقمہ ڪائي ٿو جهن سبب ان جي دل پهرين حالت کان بدلجي وڃي ٿي ۽ وري اصل حاليت تي اچي نٿي سگهي. مطلب ڳالهہ جو تہ گناهہ دل جي سخت ٿيڻ جي سبب کان ٿيندو آهي ۽ خدا تعاليٰ جي عبادت کان منع ڪندڙ آهي. خاص ڪري حرام جي ڪاڌي کي ان ۾ تاثر گهڻو آهي. دل جي صفائي ۽ ان جي خيرات جي طرف جنبش ڏيڻ ۾ جيتري قدر حلال جو لقمہ اثر ڪري ٿو. اوترو ٻي چيز نٿي ڪري. ان ڳالهہ کي، جي شخص دلن جي راز جا واقف ۽ ڏسندڙ آهن سي تجربہ ۽ شريعت جي ثابتي سان ڄاڻندا آهن. انهي سبب کان بعض اڪابر ۽ درويش فرمائين ٿا تہ گهڻا ئي لقمہ اِهڙا آهن جي رات جي عبادت کان منع ڪندڙ آهن. اِنسان بعض هڪ ڪاڌو اِهڙو ڪائي ٿو يا هڪ ڪم اِهڙو ڪري ٿو جنهن کان سالن جا سال رات جي عبادت کان محروم رهي ٿو. جهڙي طرح عبادت فحش ۽ برائي کان روڪيندڙ آهي اِهڙي طرح فحش ۽ برائي بہ

عبادت ۽ تمام خير جي ڪمن کان روڪيندڙ آهي. هڪ مجلس جي سردار جو نقل آهي جنهن لاءِ سندس چوڻ آهي ته مان ڏينور جي قيد خاني جو ٽيهه ورهه داروغو هوس. ڪوئي رات جو گرفتار ٿي جيل ۾ ايندو هو ته مان ان جو حال پڇندو هيس. ته هن نماز عشا جي جماعت سان پڙهي آهي يا نه. ماڻهو چوندا هئا ته نه پڙهي اٿس. مان سمجهندو هيس ته بس ! هن جي گرفتاري جو اهو سبب آهي. ان مان معلوم هجي ته جماعت جي برڪت به فحش ۽ برائي جي ارتڪاب جي مانع آهي.

## باطن جا اسباب به رات جي عبادت لاءِ اُٿڻ واسطي چار آهن

پهريون دل جو پنهنجي هم جنس يائرن جي ڪيني بدعادتن ۽ دنيوي فضول ڳالهين کان صاف هجڻ. انهيءَ ڪري جو جنهن شخص جي دل فڪر دنيا جي تدبير ۾ گم آهي ان کي رات جو اٿڻ نصيب نٿو ٿئي ۽ جيڪڏهن اُٿي به ٿو تَبِ عبادت ڪرڻ ۾ عبادت جو خيال نٿو ڪري پنهنجي ئي خيالن ۾ مبتلا رهي ٿو ۽ اُهي ئي خراب وسوسا ان جي دل کي گهيرو ڪري وڃن ٿا. ٻيو دل تي هر وقت خوف خدا تعاليٰ جلشانه جو غالب رهڻ ۽ جيئڻ جي اميد گهٽ هجڻ. جهڙي طرح قصو آهي ته هڪ غلام صهيب نالي بصره ۾ هيو جو ساري رات جاڳندو هيو ان جي مالڪ کيس چيو ته تنهنجو رات جو جاڳڻ ڏينهن جي ڪمن ۾ خرابت ٿو ڪري غلام چيو ته اي آقا! صهيب کي جڏهن موت ياد ٿو اچي ته ان جي خوف کان ننڊ ڦٽي ٿي وڃي.

بيت:-

جان ڪتيئن تان ڪت هيءَ هڏ وهاڻي
ڪاپائتي سيڪا ڪتي ساجهر سيباڻي
ڄاتو جن ڄاڻيِ- تن مٿان پهي نه ڇڏي

Gul Hayat Institute

بيت:-

وهانءِ وڏاڻن ۾ وتين سنيوڙي
پائي ڏور ارٿ ۾ ڪتين نہ ڪوڙي
متي جنهن موڙي- ساڪئن وهي ويسري

هڪ غلام جو هي بہ قصو آهي جو ساري رات نہ سمهندو هيو ڪنهن ڪيس چيو تہ ساري رات ڇو ٿو جاڳين- ان جواب ڏنو تہ جڏهن قيامت جي ڏينهن جي سختي ياد ڪيان ٿو تہ مون کي زياده خوف ٿئي ٿو. وري ديدار الهيٰ ۽ ان جي بخشش ياد ڪيان ٿو تہ زياده شوق ٿئي ٿو. ان ڪري سمهي نٿو سگهيان.

قيامت جي سختي پوي ياد جڏهين
ڦٿي ٿي ويچي ننڊ نيڻن جي تڏهين
نٿو ڏي سمهڻ شوق ديدار جو پڻ
اچي جي پوي ٿو اِهو پور ڪڏهين

ذوالنون مصري رحہ بہ ان مضمون جو هڪ شعر چيو آهي:

ويو سڀ عيش دل اُجڙي لڳي جڙ جان ۾ ڪائي
متي نيڻن جي ننڊ اڪڙي طبيعت تو طلب تائين
گهنگهر ۾ دم پيو گهاريان هنجون شب. روز ٿو هاريان
سڏي سي ساهہ سان سارِيان سڄڻ جي حال جا پائي
متو مونن ۾ پائي نت - ڳلن ڳوڙها وهائي نِتِ
تصور تار لائي نِتِ- جيان ٿو مان جڏو جائي
ڪڏهن ٿو خوف کان ڏڙڪان- رجا سببان ڪڏهن ٽڙڦان
بهرحالت لڇان لڙڪان- خوشي غم ٿي هڪا وائي
نڪو "مسرور" سک سنبران- لڇان ڪامان پچان پڄران
ڪڏهن نچڙان ٻڪڏهن نبران- ٿيو آ حال سودائي

Gul Hayat Institute

**ٽيون هي آهي جو اُنهن آيتن، اخبارن ۽ اثرن کان (جي رات جي جاڳڻ جي فضيلت ۾ آهن)**

واقف هجي ۽ جاڳڻ جو ثواب معلوم ڪري پنهنجي اميد ۽ شوق ثواب جو محڪم ڪري. جيئن طلب ديدار الاهيءَ جي جوش ڪري ان باري ۾ هڪ قصو آهي ته ڪوئي نيڪ بخت لڙائي تان موٽي پنهنجي گهر آيو. سندس زال ان جي لاءِ هڪ عجيب بسترو وڇايو ۽ ان جي سمهڻ جي منتظر رهي. اُهو بزرگ مسجد ۾ وڃي صبح تائين نماز پڙهندو رهيو صبح جو سندس زال چيو ته ميان مدت کان مون ڪي تنهنجو انتظار هيو هاڻي جو تون آيو آهين تَبِ صبح تائين پڙهندو رهيو آهين. ان بزرگ چيو ته مان ساري رات جنت جي حور جي سوچ ويچار ۾ هيس ۽ ان جي اشتياق ۾ جاڳندو رهيس. پنهنجي گهر ۾ بيبيءَ کان پلجي ويس. ان مان معلوم هجي ته هي بزرگ آخرت جو طالب هيو ۽ طالب موليٰ کي ان کان به وڏيڪ تڪليف ڪرڻي آهي. جيئن جو طالب موليٰ جي اڳيان آخرت جي طالب جو درجو گهٽ آهي.

**چوٿون** سبب جو سيني کان اشرف ۽ اعليٰ آهي اُهو خاص خدا تعاليٰ جلشانہ جي محبت ۽ ان ڳالهہ تي قوي اعتقاد ڪرڻ آهي. يعني ته عبادت ۾ جو حرف چوان ٿو اُن سان پنهنجي پروردگار سان مناجات ڪيان ٿو ۽ اُهو منهنجي حال تي ظاهر آهي. ۽ اُن سان مناجات ڪندي جو ڪجهہ دل ۾ خطرو هجي اُن جو مشاهدو ڪري ۽ سمجهي ته هي خطرو الله تعاليٰ جلشانہ جي طرف کان مون سان خطاب جو آهي. پوءِ جيڪڏهن الله تعاليٰ جلشانہ سان محبت هوندي ته اُن سان خلوت به پسند ڪندو ۽ اُن سان مناجات ڪرڻ کان به لذت پائيندو ۽ لذت حبيب سان مناجات جي ڪثرت کان جاڳڻ جو سبب ٿيندي ۽ ان لذت کي ڪجهہ بعيد ڄاڻڻ نہ گهرجي. ڇو جو عقل ۽ نقل ٻئي اِنجا شاهد آهن.

دليل عقلي هي آهي تہ جو شخص ٻي تي خوبصورتي جي سبب کان عاشق ٿئي ٿو. يا بادشاهہ کي انعام جي سبب کان چاهيندڙ هجي، ان جي حال جو ڪجهہ خيال ڪريو تہ خلوت ۾ پنهنجي محبوب سان رهڻ ۽ ان جي مناجات کان ڪهڙي نہ لذت پائي ٿو! جو ساري رات ان کي ننڊ نٿي اچي. هاڻيءَ جيڪڏهن هيئن چئو تہ خوبصورت آدميءَ جي تہ ڏسڻ سان لذت ٿيندي آهي. خدا تعاليٰ جلشانہ تہ ڏسڻ ۾ نٿو اچي. ان جو جواب هي آهي تہ جيڪڏهن محبوب شخص خوبصورت ڪنهن پردي جي اوٽ يا انڌيري مڪان ۾ هجي تڏهن بہ عاشق کي فقط ان سان هجڻ جي سبب لذت ٿيندي آهي. جيستوڻيڪ نہ ان جي طرف ڏسي ۽ نہ ٻي ڪنهن امر جي طمع هجي ۽ عاشق کي ان ۾ مزو ايندو آهي جو پنهنجي محبت ان جي اڳيان بيان ڪري ۽ پنهنجي زبان سان ان جو ذڪر ڪري اهڙي طرح ڪري جو معشوق بہ ٻڌي تہ هي منهنجو ذڪر ڪري ٿو. جيستوڻيڪ ان کي عاشق جون اهي ڳالهيون معلوم هجن مگر عاشق کي ان ۾ مزو ايندو آهي. هاڻي جيڪڏهن هيئن چئو تہ عاشق پنهنجي معشوق جي جواب جو منتظر رهي ٿو ۽ جڏهن ان جو جواب ٻڌي ٿو تہ تڏهن لذت پائي ٿو ۽ الله تعاليٰ جلشانہ جو ڪلام تہ ٻڌڻ ۾ نٿو اچي. ان ۾ ڪيئن لذت ٿيندي.

ان جو جواب هي آهي تہ جيڪڏهن عاشق کي هي معلوم ٿئي ٿو تہ معشوق جواب نٿو ڏي ۽ ٻڌي ماٺ ڪري ٿو. تڏهن بہ ان کي پنهنجي حالات چوڻ ۽ مافي الضمير جي پيش ڪرڻ جي ئي لذت ٿيندي آهي. جهڙي طرح ڪنهن شاعر جو سخن آهي:

تغافل از تو مرا نہ نماید از لطفت
کہ این بهر کس و آن خاص از برائی من است

اهل يقين کي جو اثنائي مناجات ۾ دل تي ڪيفيتون وارد ٿين ٿيون اهي انهن کي خدا تعاليٰ جلشانہ جي طرف کان سمجهن ٿا ۽ ان

Gul Hayat Institute

مان لذت پائين ٿا. جهڙي طرح ڪوئي بادشاهہ وٽ خلوت ۾ رهي رات جي وقت ۾ پنهنجون گهرجُون ان کي چوي ۽ ان جي انعام جي اميد کان لذت پائي. جيئن جو الله تعاليٰ جلشانہ ۾ اميد رکڻ زياده سچي آهي ۽ جاچيز ان وٽ آهي اها ٻين وٽ موجود چيزن کان زياده تر پائيدار ۽ مفيد آهي تہ پوءِ پنهنجون پنهنجون ڏيکاري تہ يڪدم لکي ٿي وڃي. مون کي اها ڳالهہ بہ سوچڻ نٿي ڏئي تہ رات آهي.

ٻي هڪ شب خيز فرمايو آهي تہ مان ۽ رات گهوڙا دوڙ وارا شرطي ٻہ گهوڙا آهيون. جو ڪڏهن رات مون کان اڳي نڪري ٿي وڃي ۽ ڪڏهن مان انکان اڳي نڪري ٿو وڃان. هڪ بزرگوار کان پڇيو ويو تہ رات جو تو تي ڪهڙي حاليت ٿيندي آهي. جنهن فرمايو تہ هڪ ڪلاڪ جي رات ٿيندي آهي. جنهن ۾ منهنجون ٻہ حالتون ٿينديون آهن. جو جڏهن انڌيري ڏسندو آهيان تہ خوش ٿيندو آهيان. اجان اِها خوشي پوري بہ نہ ٿيندي آهي تہ صبح ٿيندو ڏسي غم ڪندو آهيان.

بيت:1

چنڊ چٽائي تنهنجي سهائيءَ مون سور
لايان مون لعل لڱن کي – چندن پري پور
ڪماٽون ڪپور– مون واجهائيندي پرينءَ کي

بيت:2.

چنڊ کي چورائي– چپر نيئي نہ ڍڪي
اونداهي آهي– اجهو عاشقن جو

بيت:3.

چنڊ لڳيئي منڊ– سنجهيئي سيخ ٿين
ڪر اونداهي انڊ– تہ ملان محبوبن کي

علي بن بڪار رحہ چون ٿا تہ چاليهن ورهن کان مون کي ٻي ڪنهن بہ چيز جو غم نہ آهي سواءِ صبح ٿيڻ جي، جو هڪدم جو دم ۾ صبح ٿي وڃي ٿو.

فضيل بن عياض رحہ جن فرمائين ٿا تہ جڏهن سج لهي ٿو تڏهن مان خوش ٿيان ٿو. جو پنهنجي پروردگار سان خلوت نصيب ٿيندي ۽ جڏهن سج اڀري ٿو تڏهن رنج ٿيان ٿو. ڇو جو ماڻهو مون وٽ ايندا ـ ابو سليمان دراني رح فرمائين ٿا تہ رات جي جاڳيندڙن کي رات ۾ زياده مزو آهي. جهڙي طرح اهل لهو کي پنهنجي کيڏڻ ڪڏڻ مان مزو ايندو آهي ۽ فرمائين ٿا تہ جيڪڏهن رات نہ هجي ها تہ مان هرگز دنيا ۾ رهڻ پسند نہ ڪيان هان.

هڪ عارف جو قول آهي تہ سحر جي وقت الله تعاليٰ جلشانہ شب خيز بندن جي دلن جي طرف نظر رحم جي ڪري ٿو ۽ انهن کي پنهنجي پاڪ نور سان پرپور ڪري ٿو ۽ انهن جو زائد نور غافلن جي دلن جي طرف ڦيلائي ٿو.

قديم زماني جي هڪ بزرگوار درويش جو قول آهي جو الله تعاليٰ جلشانہ ڪنهن صديق ڏانهن هڪ فرشتي جي وسيلي پيغام موڪليو تہ منهنجي بندن مان ڪي اِهڙا آهن جو مون سان محبت رکندا آهن ۽ مان انهن سان محبت رکندڙ آهيان. اُهي منهنجا مشتاق آهن ۽ مان انهن جو مشتاق آهيان. مان انهن جو ۽ اهي منهنجو ذڪر ڪندڙ آهن. مان انهن جي طرف ڏسندڙ آهيان هي منهنجي طرف ڏسندڙ آهن. ۽ اهي منهنجي قرب جي چادر هيٺان لڪل رهندا آهن، جن کي ٻيو ماڻهو سنڃاڻي نہ سگهندو. پوءِ جيڪڏهن تون انهن جي طريقي مطابق عمل ڪندين تہ مان تو کي دوست رکندس ۽ جيڪڏهن تون انهن کان منحرف ٿيندين تہ تو تي سخت ناراض ٿيندس.

Gul Hayat Institute

بيت:

ٻُڌي هنيائون ٻاڻ- بيڪس ڪي برهه جو
ڏينهان ڏيکارن ڏيهه ڪي سدا سينگاري پاڻ
راتيان روئن روح ۽ رويون ڪن ريهاڻ
اِهڙا جن اهڃاڻ سِيِ لاهوتي ڪنهن نه لکيا
(بيڪس)

بيت:

راتيان رُئي رتُ ڦڙا ڏينهان ڏارئي ويس
ڏس لنديءَ جو لبيس ڪانڌ ڪميٽيءَ ڪتيو
(ڀٽائي)

پوءِ ان صديق عرض ڪيو ته اُنهن بندن جي سڃاڻ ڪهڙي آهي؟ جنهن تي ان فرشتي خداوند ڪريم جو ارشاد فرمايو ته ڏينهن جو چانو لاءِ اهڙو مَنهن اٿن جهڙو ريڍارن جو رڍن لاءِ چنل مَنهن ٿيندو آهي ۽ عام ماڻهن ۾ رليا مليا وتندا آهن ۽ ڏينهن لهڻ تي ائين پڙڪا ڏيندا آهن، جيئن پکي شام جو واهيري تي تڪڙو موٽندو آهي. جڏهن اُنهن جي اڳيان رات اچي تي ۽ انڌاري ٿئي تي ۽ سڀ ماڻهو سمهي رهن ٿا تڏهن اهي اٿي بيهن ٿا ۽ پنهنجا چهرا منهنجي اڳيان زمين تي ڌرن ٿا ۽ منهنجي ڪلام سان منهنجي مناجات ڪرن ٿا. منهنجي انعام ۽ مون سان ملڻ واسطي منهنجي خوشامد ڪرن ٿا. ان وقت ڪوئي رڙيون ڪري ٿو. ڪوئي روئي ٿو. ڪوئي آهه ڪري ٿو. ڪوئي دم شڪايت پري ٿو جو ڪجهه منهنجي محبت ۽ محنت ۽ تڪليف جا شاڪر آهن اهو سڀ مان ٻڌان ٿو. منهنجي پهرين بخشيش انهن کي اها آهي جو پنهنجو نور پاڪ انهن جي دلين ۾ داخل ڪيان ٿو. ٻئي بخشش منهنجي هي آهي جو جيڪڏهن ستن آسمانن ۽ ستن زمين ۽ ان جي درميان چيزون، جي انهن جي مقابل ۾ هجن ته مان انهن سڀني کي انهن

Gul Hayat Institute

جي اڳيان گهٽ ٿو ڄاڻان. ٽين بخشيش هي آهي جو مان انهن جي طرف متوجه ٿيان ٿو. پوءِ ٻڌايو ته جنهن طرف اِهڙي طرح متوجه ٿيان. ڪوئي ڄاڻي سگندو ته مان ان کي ڇا ڏيڻ گهران ٿو!!

مالڪ بن دينار رحه فرمائين ٿا ته جڏهن رات جو ڪو شخص اٿي عبادت ڪري ٿو ته الله تعاليٰ جلشانه ان سان قريب ٿئي ٿو. اڪابر-علما ۽ درويش جو نرمي ۽ حلاوت جو نور دلين ۾ موجود پائن ٿا تنهن جو سبب به اهو ئي ڄاڻندا آهن ته دلين کي پروردگار جي نزديڪي حاصل آهي.

ڪنهن مريد پنهنجي مرشد کان پڇيو ۽ شڪايت ڪئي ته مان ساري رات جاڳيندو آهيان ڪائي اِهڙي تدبير ارشاد فرمايو جو ننڊ اچي وڃي. مرشد فرمايو ته اي ٻچا! رات ۽ ڏينهن ۾ الله تعاليٰ جلشانه جي رحمت جو پکو لڳندڙ آهي جو فقط بيدار دلين کي لڳندو آهي. ننڊ واريءَ دل کي ان پکي جي واءُ نه پهچندي آهي. انهيءَ واءُ وٺڻ جي تدبير ڪر. مريد چيو ته اي مرشد هاديٰ! واهه جو تدبير ارشاد فرمايو. جو نه ڏينهن جو سمهان ۽ نه رات جو سمهان. ڄاڻڻ گهرجي ته انهي ءَ رحمت جي پکي جي واءُ جي اميد رات جي وقت ۾ زياده آهي. انهيءَ سبب ڪري جو رات جي جاڳڻ ۾ دل جي صفائي ۽ ٻين بدڪمن کان نجات ملي ٿي. حضرت جابر رضه جن کان روايت آهي جو آنحضرت صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو آهي ته رات ۾ هڪ اِهڙي ساعت آهي جنهن ۾ انسان الله تعاليٰ جلشانه کان جو ڪجهه گهري ٿو الله تعاليٰ جلشانه ان کي اُهو عنايت ڪري ٿو. بعض درويشن جو سخن آهي ته جيڪڏهن ڪوئي اڌ رات جو اُٿي وڃي ٿو ۽ ڪجهه به نه ٿو پڙهي تڏهن به الله تعاليٰ جلشانه جي مٿس رحمت وسندڙ آهي.

بيت:

آڌيءَ جي اُٿن ايئ اُنهن جو اُجرو
توڙي ڪين ڪتن، تب ڪانڌ انهن جو ڪوڏيو

Gul Hayat Institute

**بيان رات جي حصن جي ورهاست بابت:**

چاڻ گهرجي تہ رات جو جاڳڻ مقدار جي اعتبار موجب ستن قسمن جو آهي.

اول هي تہ ساري رات جاڳي- هي طريقو تہ اِهڙن زبردست ماڻهن جو آهي جو خاص خدا تعاليٰ جلشانہ جي عبادت لاءِ ٺاهيا آهن ۽ ان جي مناجات کان لذت پائن ٿا ۽ شب بيداري انهن جي غذا ۽ انهن جي دلين جي جان ٿي رهي آهي. انهي سبب اُهي ڪثرت بيدارئي کان ننڊ تڪجن ۽ ڏينهن جو ڪجھ وقت سمهڻ مقرر ڪري ڇڏيو اٿن.

بيت:-

زيئون زاهد زهد ۾ پختا ٿيا پڇي
ڪيڏي ڇڏيائون قلب مان ڪوجهي ڳالھ ڪچي
اُبتا عبادت ۾ مانجهي مرد مچي
وَمَا خَلَقْتُ الجِنَّ وَالانْسَ اَلا لِيَعْبُدُوْنِ سٽيو سڌ سچي
اڪنڊ ساڻ اچي- گُر ڪي گڏيا ڪاپڙي

بيت:

سيئئون سهجون سيج تي سامي نہ سمهن
نيڻ نہ هيريئون ننڊ سين خوشي خواب نہ ڪن
جانب سندي جيءَ ۾- ورونهن ويراڳن
اَلنومُ عَلَيٰ المحِبِ حَرَامُ ايءُ ڪلام ڪيائون ڪَنِ
اِهڙن اهياڻن- گُر ڪي گڏيا ڪاپڙي

اڪابرن مان گهڻن بزرگوارن جو بہ اهو ئي دستور رهيو جو اُهي عشاءِ جي وضو سان صبح جي نماز پڙهندا هئا. ابوطالب مڪي رحہ بيان ڪيو آهي تہ اها ڳالھ چاليهن تابعين کان منقول آهي ۽ انهن مان بعض ڪي اِهڙا بہ هيا جن چاليهن ورهين تائين اِهڙي رهت رکي ڪمس بن منهال رحہ جن جو ذڪر آهي تہ هڪ مهيني ۾ نوي ختم

قرآن شريف جا ڪندا هئا ۽ جا آيت سمجهه ۾ نه ايندي هئي ته رجوع ڪندا هوا ۽ دوباره پڙهندا هئا. مديني منور جي رهندڙن مان ابو حازم ۽ محمد بن منڪدر رحه جن بہ اهڙا ئي هوا. ڪتاب تحفة القادريہ ۾ شيخ ابوالحسن رحه کان نقل آهي جو مرشد نا مولانا محبوب رب العالمين حضرت شيخ محي الدين عبدالقادر جيلاني رضہ الله عنہ فرمائن ٿا ته پنجويهه سال عراق جي بيابان ۾ اڪيلو سفر ۾ هيس ۽ چاليهه سال عشاءِ جي وضو سان هڪ جاءِ تي بيهي ختم قرآن شريف جو ڪندو رهيس.

ٻيو: هي آهي ته اڌ رات جو جاڳي:

ان قسم جا ماڻهو گذشته وقت ۾ بيشمار آهن جن نصف شب جي جاڳڻ تي مواظبت ڪئي آهي. ان باري ۾ عمده طريقو هي آهي جو رات جي اول ٽهائي ۾ پويون ڇهون حصو سمهڻ ۾ بسر ڪري، جيئن جو عبادت ۾ جاڳڻ رات جي وچ ۾ داخل ٿي اهو طريقو افضل آهي.

ٽيون: هي آهي ته ٽهائي رات جي جاڳي:

ان صورت ۾ اڌ رات اول ۾ ڇهون حصو پوئين رات ۾ سمهي. مطلب ڳالهه جو ته آخر رات ۾ سمهڻ چڱو آهي. انهي سبب ڪري جو ان کان صبح جو اونگهه واري ننڊ نه ايندي. اڪابر صبح جي اونگهه واري ننڊ کي مڪروه ڄاڻندا آهن. ٻيو فائدو هي آهي ته پوئين رات ۾ سمهڻ کان ڇهري تي زردي گهٽ ايندي آهي. جيڪڏهن گهڻو ڪري رات جاڳي ۽ پوئين رات سمهي رهي ته ڇهري تي زردي بہ گهٽ ايندي ۽ اونگهه بہ گهٽ ٿيندي.

حضرت عائشہ صديقہ رضي الله عنها جن فرمائين ٿيون ته آنحضرت صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن پوئين رات ۾ وتر پڙهڻ بعد جيڪڏهن ڪا ڪين حاجت ضروري هوندي هئي ته ان جي فارغ ٿيڻ بعد وري جاءِ نماز تي ليٽي رهندا هوا. جيستائين جو بلال رضہ ڪين صبح جي نماز جو اطلاع نہ ڏيندو هيو. هي بہ حضرت عائشہ صديق رضہ جان کان روايت آهي ته

Gul Hayat Institute

مان آنحضرت صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کي وڏي صبح جي وقت ۾ جڏهن بہ ڏٺو آهي تہ آرام ۾ ڏٺو آهي.

ابوهريره رضہ فرمايو آهي تہ ان وقت جو سمهڻ مڪاشفہ ۽ مشاهدي جو سبب آهي جو غيب جي پردن جي پويان اهل دل تي ٿيندڙ آهي ۽ ان مان هڪ هي بہ فائدو آهي تہ ڏينهن جي وظائف ۾ پهرين وظيفہ ڪرڻ لاءِ مدد ملي ٿي. حضرت دائود عليہ السلام جن بہ هن طرح رات جو جاڳندا هئا جو پوئين اڌ رات مون ٽهائي جاڳندا هئا ۽ ڇهون حصو پوئين رات جو سمهندا هئا.

**چوٿون هي آهي تہ رات جو ڇهون يا پنجون حصو جاڳي:**

ان جي لاءِ افضل هي آهي تہ اَڌُ پوئين رات ۾ هجي. بعض درويشن بزرگوارن فرمايو آهي تہ پويون ڇهون حصو بہ جاڳي پنجون شروع رات ۾ ايترو جاڳي جو ان کي ننڊ اچي وڃي. وري جڏهن جاڳي تہ اُٿي عبادت ڪري ۽ جڏهن ننڊ جو غلبو هجي تہ سمهي رهي. انهي صورت ۾ هڪ رات ۾ بہ دفع سمهڻ ۽ بہ دفع جاڳڻ ٿيندو. رات جي محنت اٺائڻ ان جو نالو آهي ۽ سيني اعمالن کان سخت ۽ افضل آهي. آنحضرت ﷺ جن جي بہ عادت مبارڪ اها ئي هئي ۽ حضرت ابن عمر رضہ ۽ ٻين اوالعزم اصحابن ۽ گهڻن تابعين جو بہ اهو ئي دستور هوندو هو. آنحضرت صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن ڪڏهن اڌ ڪڏهن ٽهائي۔ ڪڏهن پنجون۔ ڪڏهن ڇهون حصو جاڳندا هئا.

حيف آهي جو طالب موليٰ جو سڄائي ننڊون ڪرين.

Gul Hayat Institute

بيت:۔سنجهي رهين سمهي غافل منجهہ گهرن
ليڙن جو لطيف چوي ڪرڳل سوئي ڪن
سي ڪئن محب مڙن جي سنجهي رهن سمهي

بيت:۔

جڏهن سُتيون، جي پٽر پير ڏکها ڪري
تڏهن تنهين کي۔ ساٿ ستيئي ڇڏيو

بيت:۔

ستيئن پير ڏکها ڪري وڏي جاڙڪياءِ
در پر ايئين دوست جي سرپر توءِ سٽياءِ
اصل تہ آري ڄام جي سڳي تون تہ سياءِ
پنهون سين پياءِ۔ ٿي نياڳي ننڊون ڪرين

بيت:۔

ايءُ ڪم ڪميڻين جئن۔ سمهڻ پير ڏکها ڪري
لوچي چو نہ لطيف چوي هاري لئي هوتن
ننڊان نياڳن کي۔ اوپالا اچن
سي پنهون ڪوہ پچن جي سنجهي رهن سمهي

بيت:۔

ستوئي سيج گهرين۔ جفا ڏئين نہ جان
صلح ريءُ سيڻان۔ متان نونڌين نہ چڙهين

هاڻي باقي هڪ ڳالهہ جو بيان ڪجي ٿو. جنهن لاءِ عام ماڻهو چوندا آهن تہ اسان فلاڻي فقير کي رات ڏينهن سارو بعضي رات سڄي ننڊ ۾ ڏٺوسي ان باري ۾ ناچيز جو فقط هڪ عرض آهي. جهڙي طرح۔ سلطان العاشقين۔ قطب العارفين سيدنا مولانا شاهہ عبدالطيف ڀٽائي قدس سره جن فرمايو آهي:

بيت:۔

جي ٿيا حَلّ حبيب سين سمهڻ تن ثواب
نيڻ هيرائي ننڊ سين خوش ڪيائون خواب
اوسيڙو عذاب۔ دليان تنهين دور ٿيو

Gul Hayat Institute

بيت:ـ

تن تسبيح من مڻڪو۔ دل دنبورو جن
تندون جي طلب جون وحدت ساڻ وڄن
وحده لا شريڪ لهُ اِهو راڳ رڳن
سي ستائي جاڳن۔ ننڊ عبادت تن جي

واضح هجي تہ هي ويڙهو وصل جوءِ آخرين درجو فقير جو آهي ٿَبِ معلوم رهندو تہ فقط سندن ظاهري اکين کي ننڊ ۽ باطن ۾ دل ۽ دل جي اکين کي جاڳ آهي جو آخرين سٽ بيت جي مان ظاهر آهي: والله اعلم.

جار مون آڏئي اُتي تون تند ڪا طالب تنوار
سخت تي اڳتون پڇهي سرڪار عالي سمجھ ڏار.
خواب غفلت جي سبب ڪان هڪ ڏهاڙي هٿ ملي،
درد مون دانهون ڪري تون رت روئندين زار زار.
بعد مُردن ڇا پيلا معلوم تو کي ڪين آ،
قبر ۾ مدت وڏي آهي سمهڻ ريءَ ڪانہ ڪار.
وقت کي ڄاڻج غنيمت هٿ نہ ايندو سو وري،
ڳالهہ هي سوچي سڄي تون ڪين غفلت ۾ گذار.
ڪين ڪر واڪا وڏا تون ماٺ ۽ ماڻج مزو،
دم بدم ساڻ وينو اسم الله هو اُچار.
مانَ کي "مسرور" تنهنجا ساب بي سڏڙا پون،
در مٿي داتا سندي پرتئون پيو پلپل پڪار.

"مسرور فقير"
22 ربيع الاول 1344 مطابق 11 آڪٽوبر 1925
بروز آرتوار وقت 12 بجہ صبح:

Gul Hayat Institute



# ”فقير غلام علي مسرور“

سنڌ جو مشهور صوفي بزرگ ميان غلام علي ”مسرور“ ولد ميان رحيم بخش صاحب قوم بدوي، تاريخ پهرين جولاءِ 1894ع شڪارپور ۾ تولد ٿيو. چار درجا سنڌيءَ ۽ ٽي درجا انگريزيءَ جا شڪارپور ۾، چوٿون درجو خيرپور ميرس ۾ ۽ پنجون درجو ڪراچي سنڌ مدرسي ۾ پڙهيو. خيرپور ۾ پنهنجي والد بزرگوار جي صحبت سان گڏ گل محمد خان ”گل“ ۽ رسول بخش خان سان رهي ۽ مخدوم الله بخش ”عاصي“ جي مجلس ۾ شعرو شاعري ۾ شرڪت ڪندو هو. نوڪريءَ جي وقت ۾ هر ائين ڏينهن تي روهڙيءَ، پندرهين ڏينهن تي شهباز قلندر جي درگاهه تي حاضري ڏيندو رهيو. نجفي فقير لالورانڪ، وريل فقير، ڏتل ابڙو، ميرل فقير هنباهه وارو، نصير فقير جلالاڻي، الله اوباهي شاهه صحبتي، فقير بيدل سائين ۽ محمد فقير ڪٽياڻ سان خوب چونڪيون ڏنائين. شاهه ڀٽائي ۽ شاهه درازا جي درگاهه تي بہ گهڻيون حاضريون ڏنائين. شاهه درازا جي درگاهه جو اهو اثر ٿيس جو انهيءَ وقت پارسي ڪتاب ڪهڙو بہ ملندو هوس تہ پڙهي ۽ سمجهي سگهندو هو. حضرت بيدل جي درگاهه تي پنهنجي ڪافي ٺهرايائين. فقير صاحب جو اعتقاد صوفي قادري حنفي آهي. سندس شعر رسالن، اخبارن ۾ پيا شايع ٿيندا رهن ٿا.

**مولائي شيدائي**
**”ادباءِ وطن“ ماهوار اديب سنڌ**
**جولاءِ 1942ع**